

سىجاڭ جـــۇن سەرتىپون

رىـزا شاھدى

سُڄاڻ جون سمرتيون

(پروفيسر منگهارام ملڪاڻي)

ريٽا شهاڻي

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن
٩٠، لڪشمي مارڪيٽ، الهاسنگر-٣.

ڪتاب بابت ...

چڱا سال اڳ، بينگالي ليکڪا **مئترييي ديوي** جو ٽئگور بابت انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب **Tagore by FireSide** "**انگيٺيءَ اڳيان / ڀرسان**" پڙهيو هوم. جنهن ۾ ليکڪا جي گهر **منگپو** (هماليه جي ترائي ۾ هڪ ڳوٺ) ۾ گرديو ڪجهه ڏينهن اچي رهيو هو. اُنجو ذڪر آهي.

هونءَ به ڪنهن شخص سان فقط ٻاهران ائين گڏجڻ هڪ ڳالهه آهي ۽ ڪجهه ڏينهن گڏ گذارڻ وارين گهڙين ڪجهه ٻيو ئي نقش ڇڏيون ڏين.

ليکڪا، ٽئگور سان گڏ گذاريل ڪجهه ڏينهن جو ئي احوال ڏنو آهي تڏهن دل ٿي هيم ته سنڌيءَ ۾ به ڪنهن سنڌي ليکڪ جو اهڙي نموني چٽ چٽيل هجي ته ڪهڙو نه سٺو.

۽ اڄ اها چاهنا، دل جي آس پوري ٿي رهي آهي، جو سنڌيءَ جي هڪ ليکڪا **ريٽا شهاڻي** سنڌيءَ جي هڪ بزرگ ليکڪ **پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ** سان گڏ گذاريل ڪجهه ڏينهن جو چٽ چٽيو آهي. جيئن مئترييي ديويءَ گرديو ٽئگور جو مئترييي ديويءَ جو گرديو ٽئگور سان گرو شش، شردالو وارو رشتو هو. پر هت ريٽا جو ملڪاڻي صاحب سان چاچي ڀائٽيءَ وارو سمبنڌ آهي. ان ڪري سياو يڪ طور ملڪاڻي صاحب جي ڪن گهرو معاملن جو به ذڪر آهي جو خود ريٽا جي گهرو حالتن جو به چٽ آهي.

سلسلو

SUJAAN Jun SAMARTIYUN

By: RITA SHAHANI

SINDHI TIMES
Publication
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar-3
Phone: 75618, 73100

Published by:
Suresh Paryani
For
The Sindhi Times
Publication

Printen at:
Ashok Press
Behind press Bazar
Ulhasnagar-3

Sole Agent!
Jagdish Book Depot,
Main Bazar, Ulhasnagar-2.
(Phone 70455)

Price: **Rupees Thirty only**

Year: OCTOBER 1990

ليکڪا وٽان..

دنيا جي مکيه ليکڪن، نامي ڪلاڪارن، نيتائن ۽ راڄنيتڪ هستين جون زندگيون صرف هنن جي ذات يا ڪٽنب سان وابسته ڪانه هونديون آهن بلڪ اُنهن‌تي سموري مانو جاتيءَ جو اڌڪار ٿيندو آهي. هنن جي زندگين سان لاڳو واقعا، سندن ويچار ڌارائون، سندن جذبا، دل جا اُڌما، آشائون، نراشائون، آدرش، دل، ذهن ۽ آتما سان سنگهرش ۽ انهن‌جو سندن لکڻين تي اثر، اهي سڀ ڳالهيون ٻين جي راهن کي روشن ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهن ٿيون. ان ڏس ۾ سندن ئي لکيل آتم‌ڪٿائون يا ٻين جون لکيل سندن جيونيون (Biographies) اتهاس ۾ اهم رول ادا ڪن ٿيون. مگر اهو به ڄاڻيو ويو آهي ته ڪي ساهتڪار پنهنجي شخصي جيون کي پنهنجي ساهتڪ جيون کان پاسيرو رکڻ پسند ڪندا آهن ۽ ڪي وري انهن جي ظاهر ڪرڻ ۾ ڪيٻائيندا ڪونه آهن. جن شخصيتن کي پنهنجون روزانيون ڊائريون لکڻ جي عادت پئجي رهي آهي (ليو ٽالسٽاءِ انهن مان هڪ آهي) انهن ٻين جو رستو آسان ڪري ڇڏيو آهي ۽ اُهي اڳتي هلي کوجيڪن ۽ اتهاسڪارن لاءِ ملهائتيون ثابت ٿينديون.

منگهارام ملڪاڻيءَ پنهنجي شخصي جيون سان تعلق رکندڙ واقعن، حادثن ۽ رشتن ناتن کي ظاهر ڪرڻ ضروري نه سمجهو هو، حالانڪ پنهنجن پريم سنبنڌن (affairs) جو ذڪر ڪرڻ ۾

سچ پچ تہ ھڪڙن لکيتن/تصنيفن مان ڪنھن شخص/ليکڪ/ ڪلاڪار جي صحيح تصوير تي ملي جيڪا ھوندءِ ملڻ مشڪل آھي.

گرديو ٽئگور، مئتري ديويءَ جي پٽي ڊاڪٽر سين کي سنڌس ساليءَ جو بہ اُتي ھٿڙ تي چوي تو تہ، ”توکي ٻہ ٻہ آھن. ھڪ ھٿ ۾، ٻي پريءَ ۾. اسان جو اھڙو نصيب ڪٿي!“

“Doctor, you are Lucky man,
one in hand & one extra! We never had such luck!”


ھت ليکڪا رينا ٻڌائي ٿي تہ ملڪاڻي صاحب ڪيڏو نہ رومانٽڪ ھو ۽ ان جا ڪجھہ مثال ٿي ڏي.

منھنجي خيال موجب تہ ھن قسم جو سنڌيءَ ۾ ھي پھريون ڪتاب آھي جنھن ۾ ليکڪ جو ھن نموني اصلوڪو احوال آيل ھجي. ھا، ھڪ بہ ڪتاب اھڙو آھي. پر انھن ۾ ڪتاب ۾ آيل شخص جو ذڪر گھٽ ۽ ڪتاب لکندڙ پنھنجو ذڪر وڌيڪ ڪيو آھي.

ڪيئن بہ ھي ڪتاب پنھنجي رنگ جو آھي جو پڙھندڙن کي ڏيندي اسان کي خوشي ٿي رھي آھي. اُميد تہ پڙھندڙن کي پسند پوندو.

پھرين آڪٽوبر ١٩٩٠.
٥٦، ھيرا ھائوسنگ سوسائٽي،
اولڊ ٽيليفون ايڪسچينج پرسان،
سنڌونگر-٣. (اُلھاسنگر، امبئي)

ناراين ڀارتي
مکيہ سمپادڪ
سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن



→ ديوان شيوڪرام ملڪاڻي



← راءِ بهادر اُڌارام شيوڪرام ملڪاڻي

هن ڪڏهن به هٻڪ محسوس ڪانه ڪئي هئي. سنڌي ساهت جڳت جي هڪ عظيم، اهم ۽ عزيز هستي هئڻ جي ناتي هنجي نجي زندگيءَ جون ڪي جهلڪون، پاٺڪن کي پڙهه اڳيندڙيون ۽ ساهتڪارن جو مارگه درشن ڪنديون ان ۾ ڪو شڪ ناهي.

روسي ساهتڪار نڪولائي گوگل هڪ هنڌ لکيو آهي :

"There is nothing worse than a truth that is not true"

ان ڳالهه جو ڌيان رکندي، مون سچائيءَ، ايمانداري ۽ صداقت سان حقيقتون پيش ڪيون آهن. جيتوڻيڪ ائين ڪندي مونکي سچ سان اکيون ملائيندي ڪجهه ڳالهيون ٻڌائڻيون پيون آهن. عام طرح ڪٽنب مريادا پاليندي، ڪن خانگي معاملن کي گهريلو ديوارن پٺيان ڍڪيل رکڻ مناسب سمجهيو ويندو آهي... پر اسانجو ڪٽنب رواجي ڪٽنب ته هو ڪونه. اُن جي اِتهاس کي قلمبند ڪرڻ سان، منگهارام ملڪاڻيءَ جي ٻالڪپڻ، جواني ۽ سندس پريوار جو پس منظر ته ظاهر ٿي بينو آهي پر اوڻويهن صديءَ (١٨٥٠ع ڪانوني) حيدرآباد سنڌ جي گهرو، سماجي، مالي، زراعتي (Agricultural) ۽ اڏاوتي (Architectural) زندگيءَ تي به روشني پيئي آهي.

جيڪي ڪجهه سمرتين جي شپنج (ڪڪر) جي سهڙن سوراخن مان سمجهي نڪتو آهي، پاٺڪن اڳيان پيش آهي. ●

ريٽا شهاڻي
١-١٠-١٩٩٠

٧، فلوريانا اسٽيٽ،
بوٽ ڪلب روڊ،
پونو - ٤١١٠٠١.

• اِنــتــهــا کـــان اِبــتــدا!

شام جا ساया ست لڳا هئا.
ٽيليفون جي گهنٽي وڳي.
مون ٽيليفون جو چوغو هٿ ۾ کنيو.
”هلو، 66426.“

رسيور مان گهبرايل آواز ڪنن تي پيو ته ”هلو، ريٽا! مان هيرو آهيان. دادي مدگهي جو ساڍي ڇهين لڳي ديهانت ٿي ويو!“

”......“

”هلو، هلو، ٻڌين ويٺي؟“

”ها...“

”ڀڳت، سڀاڻي صبوح جو ساڍي ڏهين بجي داه-سنسڪار آهي... تون اچين ٿي نه؟“

پنهنجي آواز جي لرزش کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪندي وراڻيم، ”منهنجي فون جو انتظار ڪجِ. توکي ٻڌائيندس.“

فون جو چوغو واپس جڳهه تي رکڻ کانپوءِ مان پنهنجي روئڻ کي وڌيڪ روڪي نه سگهيس. اُتان وڃي ڊرائنگ روم جي صوفا تي ويهي، زار زار روئڻ لڳس... ڄڻ ته هنيانءَ تي ڦاٽو... ڄڻ ته، وڏهين جا بند ٽٽي پيا هئا... اکين مان ڳوڙهن جا ريلا تي وهيا ۽ هئا بس سڏڪا ئي سڏڪا! 1966 ۾ مون پهريون ڀيرو اهڙي طرح رنو هو پنهنجي دادا جي مرتيوءَ جي ڪلڪتي



→
عالمچند أڏارام ملڪاڻي



←
پروفيسر منگهارام أڏارام
ملڪاڻي

c/o. S. M. Malhani
6, Khurshidabad,
Altamant Road,
Bombay.
25-11-80

منهنجي پياري ڏيئَرِي ريتا،

مونکي پتو ئي نٿو پوي تہ

توکي ڇا لکان؟ پوني ٻہ توسان جيڪو سڄو سارو مهينو گذاريم سو جڻ هڪ سهڻو سپنو هو... ڇو جو سپنا اڪثر ڪري وسري ويندا آهن. هيءُ سپنو مهابليشور سوڌو اصل وسرڻ جو ئي ڪونهي تہ وري وشنوءَ منهنجي سک آرام، ڪاڌي پيتي جي ايڏي نظرداري ڪئي ۽ دلي پيار وچان هلت ڪئي جو سڳا ڏيءُ پٽ بہ اُن کان وڌيڪ ڪين ڪري سگهندا. هن ڳالهہ بابت وڌيڪ لکڻ نٿو اچيم تنهنڪري ٻيون خبرون چارون ٿو ڏيان.

هتي اچڻ کانپوءِ منهنجي کنگهہ ۽ ڇاتيءَ جو ٻار وڌي ويو آهي، تنهن رات اندروءَ جي ساهرن وٽ ڊنر پارٽي هئي جو اندرو هت آيو هو. پر مونکي تپ ٿي پيو ۽ وڃي ڪين سگهان ها، جيڪڏهن سندرو بہ نيون گوريون Flue جون نہ ڏئي ها، جن في الحال تہ ٺيڪ ڪري ڇڏيم. وشنوءَ کي اها خوشخبري ٻڌائج تہ مون نيٺ سندس چوڻ موجب سگريٽ صفا ڇڏي ڏنو آهي ۽ اُميد اٿم تہ اِنکري نڙيءَ ۾ فائدو ٿي ويندم.

منهنجو ڪتاب تہ پورو ٿي ويو، پر پئسي جي تنگيءَ ڪري جو ڪيترو مئٽر رهجي ويو هو، تنهن سان گهوٽالو اچي متو آهي، جو اڳيان ڇپائيندڙ چون ٿا تہ اسين ٻيون ڀاڱو ڪري ڇپايون، پر مان چاهيان ٿو تہ ٻيو ڪو دوست پنهنجو وڌيڪ مئٽر وجهي ٻيو Full Size ڪتاب ڇپائي. اجا فيصلو ڪونہ ٿيو آهي جنهن

مان تار اچڻ تي ... اِهوئي ساڳيو لاچاريءَ جو احساس، اِهوئي خال جو احساس ۽ اهوئي بعد ۾ ڪانپوءِ ٻوڏ جو احساس! خوُن جي چِڪ ۽ سڪ عجيب آهي؛ خوُن جي پڪار ۽ للڪار انوکي آهي، جيڪا اهڙن وقتن تي پنهنجي سڃاڻ سان تن ۽ من کي سونٽيءَ سان سٽي ساڻو ڪري ڇڏيندي آهي. مان روئندي رهيس. نوڪرياڻي پاڻيءَ جو گلاس پري اڳيان رکي ويئي.

توري ويرم ڪانپوءِ پاڻ سنڀالي ورتم ۽ اُٿيس. همت ڏوئي، پاڻي پيتم ۽ فون وٽ اچي وشنوءَ کي اِها دکدائڪ خبر ڏنم.

”مان گهر اچان پيو.“

مان وري اچي صوفا تي ويٺس.

اجا ٽيون ڏينهن دادي جو خط مونوٽ آيو هو؛ اجا ڪالهه مون کيس جواب ڏنو هو. اڄ صبوح جو برابر هيروءَ (منهنجي ڀاءُ) فون تي ٻڌايو هوم ته دادي ڏکو ڪاڏو هو، پر ڪنهن کي ڄاڻ هئي ته ايترو ڏڪڙو...؟

موٽر بيهڻ جو آواز آيو.

وشنو آيو ۽ چپ چاپ منهنجي ڀرسان وڃي رهيو. ٽيستائين آنڌي ۽ ٻرسات تمجي چڪي هئي ... رڳو پنهنجا اهڃاڻ، سرخ نيڻ ڇڏي ويئي هئي!

وشنوءَ چيو، ”بمبئي وڃڻ تي؟“

”نه، ڪهڙو فائدو؟ وڃڻ وارو ته وڃي چڪو!“

”هيروءَ کي فون تي ٻڌائي ڇڏ.“

”ها فون ڪريانس ٿي. ٽيستائين تون اندور ۽ سمورا ڪسي اعزا پرسيءَ جي ٽونوگرام موڪلي ڇڏ.“

۽ دادي وٽان آيل (ٽيو ڏينهن وارو) خط پڙهڻ لڳس-

• ڪيئن لکيم؟

رات جو نوين بجي گهر پهتس ته ٽيليفون جي پرسان نوڪر جي لکيل سلپ تي نظر پيم.

”جهمٽمل ڀاوناڻيءَ جو فون، بائي صاحب لاءِ، فون نمبر... تي فون ڪرڻ لاءِ چيو اٿائين.“

ماني کائيندي اچي ڏهه لڳا. ايڏو اوير ڪنهن پير مرد کي پريشان ڪرڻ واجب نه سمجهيم.

”اهڙي ڪهڙي تڪڙي ڳالهه هوندي؟ صبوح ساڻ فون تي ڳالهائيندي سانس.“

پر گهر جي ڪرت ڪار ۾ صبوح جو ڳالهه وسري ويم. پوري نوين بجي ٽيليفون جي گهنٽي وڳي.

هن دفعي پروفيسر جهمٽمل ڀاوناڻي نه، موهنلعل شهاڻي هو.

”پروفيسر ڀاوناڻي مرحوم پروفيسر ملڪاڻيءَ جي جيون تي پستڪ لکڻ جو ڪاريه پاڻ تي هموار ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ بامبي مان آيو آهي ۽ اوهان سان گڏجڻ ٿو گهري.“

مون ٻنهي بزرگ سڄڻن کي شام جو چانهه جي دعوت ڏني.

ٻه ڏينهن سانده، پروفيسر ڀاوناڻيءَ ۽ مسٽر موهن لعل شهاڻيءَ سان گڏ منهنجي گهر ايندو رهيو ۽ چانهه جون سرڪيون پريندي مون سندس تيار ڪيل سوالنامي جا سڀ جواب ڏيئي ورتا، تنهنڪانسواءِ پنهنجي چاچي صاحب جا جيون سنبنڌي ڪاڳر، پنا، خط پٽ ۽ فوٽا ڏيکاريامانس. اهو سڀ ڏسڻ بعد ڏاڍو خوش ٿيو.

لاءِ ترسيل آهيان.

ڪمار کـي منهنجا پيار ڏجانءِ. مونکي ڏاڍو پيار ۽ عـزت ڏنائين پـر چڪ وچان مان سندس ڪبٽ مـان برائون ٽيريلن Brown Terelene جـي پتلون چوري ڪري آيو آهيان، جـو مونکي نه ساڳي اهڙي هٿي پر هتي اچي ڏٺم ته اها مون وٽ پيئي آهي. سندروءَ هٿان واپس موڪليندو سانس.

لڇمڻ خوبچنداڻي به نهايت پيار سان مون سان ورتاءُ ڪيو. منهنجا ٿـورا مڃجانس ۽ نياپو ڏجانس تـه منهنجي ڪتاب تي سمالوچنا لکڻ جي تڪليف وٺي ڪنهن معياري جلد نڪرندڙ مئگزن کـي موڪلي. ”هندواسيءَ“ ۾ پروفيسر ياوناڻيءَ جـي سمالوچنا پيئي آهي، جا شايد پڙهي هجيو. تنهنڪري هندواسيءَ ڪانسواءِ ٻيءَ ڪنهن مئگزن کي موڪلي.

دادا جشن کـي مون پاران پيرن تي هٿ رکجِ ۽ چئجِ تـه توهان منهنجو جيڪو سنمان ڪيو، سو اهڙو تـه عاليشان هو، جنهنجو مان لائـق نـه ناهيان. پڇاڙيءَ ۾ ڪانئس موڪلائي، آسيسائون وٺي وڃان ها پر تو ٻڌايو ته دهليءَ هليو ويو، تنهن ڪري لاچار ٿي پيس.

پنڊت جيٺلي کي جيڪي به ڪتاب پهچائڻ لاءِ وشنوءَ کي ڏيئي ويـو هوس، سي ضرور بروقت پهچايا هوندائين، جو تـه وشنوءَ جهڙو Methodical & Practical ماڻهـو. مون مشڪل ڏٺو آهي. شل ايشور ايتري محنت ۽ لگن لاءِ اجان به وڌائيندس.

ريتا، تنهنجو پيارو ”گيت رامائڻ“ ڪهڙي منزل تـي پهتو آهي؟ انهيءَ جو پلاڪ ۾ ڦهلاءُ ڪڍهڻ ٿيندو، Cassette جي صورت ۾ ۽ پستڪ جـي صورت ۾؟ اهـو احوال سمورو ٻڌائج. هاڻي توهان ٽنهي لاءِ گهڻا گهڻا پيار ۽ وڏا وڏا پاڪر.

تنهنجو دادا

۽ پوءِ اُتي هيروءَ کي فون ڪيم ۽ ٻڌايومانس، ”مان ٻامبي ڪانه ايندس.“

ٻن مهينن کانپوءِ مان ٻمبئي، سندس گهر گڏجڻ ويس ۽ پنهنجو ليک پڙهڻ شروع ڪيم. اڃا اهو اڌ به ڪونه پڙهيو هوم ته وچ ۾ روڪي چيائين.

"اهو سڀ منهنجي ڪم جو ناهي. مان ايم. يوُ. ٻي باري ۾ ڪجهه ٻئي انداز ۾ لکي رهيو آهيان."

مونکي پروفيسر ڀاوناڻيءَ جي ان ورندي تهرس ۾ ته وڌو ئي، پر گڏ ئي اُن جواب مونکي منهنجي ذميواريءَ ۽ ضمير کان مڪت ڪري ڇڏيو. مان دل ئي دل ۾ خوش ٿيڻ لڳس. "پاڻ ئي لکڻ لاءِ اُتساهه ڏيارئو هئائين ۽ پريرڻا پڻ ڏني هئائين. هاڻي جي ڪيس منهنجو مواد نه گهرجي ته مان اُنکي پنهنجي نالي سان ڇپائي سگهان ٿي.

۽ اِن طرح، ٽيهن سالن کانپوءِ منهنجو پهريون ليک "وچنا" ۾ شايع ٿيو.

پڇاڙيءَ جو مان کين اُماڻڻ خاطر گيٽ تائين آيس. پروفيسر صاحب چوڻ لڳو، "مونکي خبر آهي ته تون هن وقت پنهنجي ڪارين ۾ مشغول آهين، گيت-راماڻ جي رڪارڊنگ وغيره ۾ مصروف آهين، پر توکي هڪ عرض ڪرڻ چاهيندس. ڪنهن ڏينهن، وقت ڪڍي ويهه ۽ ايم. يو. ملڪاڻيءَ جون پوئين جون جيڪي يادگيريون تري اچني، لکندي وڃ. اڃا چار مهنا ته ٿيس جڏهن هو تو وٽ هئو! مونکي يقين آهي، پڪو فيصلو ڪرڻ سان، گهڻيئي ڳالهيون ياد اچي ويندءِ."

"هن وقت ته منهنجو ڌيان ٻئي پاسي آهي. تنهن هوندي به مان اوهانجي ڳالهه ڌيان ۾ رکندس."

سندس ڳالهه "ڌيان ۾ رکڻ" جي ڳالهه ته مون ائين پروفيسر صاحب جي دراز عمر کي مدنظر رکي، مريادا، عزت ۽ لحاظ وچان چئي هئي. اُن وقت منهنجو ڪجهه لکڻ جو اِرادو ئي ڪونه هو.

چار مهنا گذري ويا.

هڪ شام جو اڪيلي به هئس ۽ واندي به. جهمٽمل پاوناڻيءَ جي چيل ڳالهه ياد ايندي ئي ڪاغذ ۽ قلم هٿ ۾ کڻيم ۽ لکڻ شروع ڪيم. خبر ئي ڪانه پيم تـه سموري سانجهين ڪيئن گذري وئي. جن ڳالهين تي ڪڏهن غور نه ڪيو هوم، نه ڌيان ڏنو هوم. اهي قلم ذريعان پنن تي اُترڻ لڳيون. ڪيئن منهنجي ڪاپيءَ جا چاليهه ورق سياهه ٿي ويا، ڪجهه سمڪ ئي ڪانه پيم!

مان پنهنجي ان ڪوشش تي خوش ٿيس ۽ مونکي سنتوش به مليو. ٻئي ڏينهن پاوناڻي صاحب کي خط ۾ ٻڌايم، "دادي معگهي جي پوئين ۾ آخري پرواس جي باري ۾ ۴۰ صفحا لکيا اٿم." سندس جواب آيو ته هو اهي ڏسڻ چاهيندو.

• جڏهن دادو مون وٽ هئو

هونئن ته دادا مگهو (ننڍي هوندي کان وٺي اسين پائر پيءُ ان نالي سان دادا مگهارام کي ڪوٺيندا هئاسين) مون وٽ پوني ۾ اڳ ۾ به 1965 ۾ ڏهه ڏينهن رهي ويو هو ۽ چڱو مصروفيت ۾ وقت گذريو هو. پر هن دفعي 7 آڪٽوبر کان 8 نومبر 1980 تائين، پوني ۾ سندس هڪ مهني جي نواس ۾ رنگ ئي ڪجهه نيارو هو.

سنه 1965 واري سندس پوني جي ياترا جي هڪڙي ڳالهه جا منهنجي دل تان لهي وئي هئي، پر دادو ياد ڪري ويٺو هو، اها هئي - منهنجو ڪيس ڪلڪتي ۾ چوڻ،

"دادا توهين پوني اَچو ته اوهان کي مهابليشور وٺي هلندس."

پر ڪن سببن ڪري، 1965 ۾ مان ڪيس مهابليشور ڪانه وٺي وڃي سگهي هئس. هو جيستائين پوني ۾ هئو، ڪجهه ڪڇيائين ڪونه. ڪلڪتي واپس وڃي، ائين ئي ڳالهين ڳالهين ۾ لکي موڪليائين.

"تو پنهنجو انجام ڪونه پاڙيو. مون کي مهابليشور ڪانه وٺي هلئين."

هن دفعي بمبئي آيو ته مان ڪيس ڏسڻ لاءِ ۽ پاڻ سان گڏ پوني وٺي اَچڻ لاءِ خاص، سپٽمبر 1980 جي پڇاڙيءَ ڌاري بمبئي ويس. وڃي پاڪر پائي گڏيسانس. هيٺين سالن جو وڇوڙو وچ ۾ پيو هو سو دادا جون جهڪيون اکيون ۽ جهڪيل گردن ڏسي اکين ۾ پاڻي تري آيو. مون ساڻ پوني

ڏٺي ڪائي، ڊرائينگ روم ۾ اوپاريون لهواريون ڪرڻ وينا سين. ڪمار (منهنجي پٽ) کان پروفيسرن ۽ سعدن پاڙهائڻ جي طريقن جي باري ۾ سوال پڇڻ لڳو ۽ پوءِ اوچتو چئي ويٺو، ”ريتا، منهنجو هڪڙو ڪم ڪج. مون کي هتي زينت آمان جي پڪچر ضرور ڏيکارج. مون هنجي باري ۾ اخبارن ۽ مخزنن ۾ ڪافي ڪجهه پڙهيو آهي پر هن کي اسڪرين تي اچا ڏسڻ جو وجهه ڪونه مليو اٿم. ڇا ته جگر اٿس!“

مون اهو ڄاڻيو ته دادي کي زينت آمان جي فلمي توڙي ذاتي زندگيءَ باري ڪافي معلومات هئي ۽ اُن معاملي ۾ بلڪل اپ ٽو ڊيٽ هو!

ٻئي ڏينهن صبوح جو منهنجو هٿ جهلي، باغ جو معائنو ڪرڻ هليو. ڪٿي ڪن بوٽن ۽ گلن جا نالا به پڇي ٻڌايائين. جڏهن بالسم (Balsam) گلن کي فلاڪس (Phlox) جو نالو ڏنائين ۽ ٻيون به چوڪون ڪيائين ته مون دل ئي دل ۾ کلي ڏنو هو. انوقت اهو به ٻڌايائين ته هوُ ڪنهن وقت پوني جي ائگريڪلچر ڪاليج ۾ شاگرد هو.

مان هتي سلسليوار سڀني ڳالهين جو ذڪر ڪانه ڪندس پر صرف اُنهن دلچسپ ڳالهين جو بيان ڪندس جي مان، دادا جي زندگيءَ ڏانهن روَئين، زندگيءَ جي ملهن ۽ ان وقت جي سندس جسماني توڙي دماغي حالت تي روشني پئجي سگهندي.

دادا جسم ۾ جهور ٿي چڪو هو. پوري طاقت ڏيندڙ غذا يا خورش نه ملڻ ڪري (شايد ڏندن جي عدم موجودگيءَ ۾ يا شايد وڏيءَ عمر سبب) شرير تمام ضعيف ٿي چڪو هوس. هلڻ مهل بدن لرزندو هوس ته به ٽڪڙو ٽڪڙو هلندو هو.

سندس بيڊروم، گرائونڊ فلور ۽ فرسٽ فلور جي وچ ۾

هلڻ لاءِ لاچاري ظاهر ڪيائين، مصروفين جو سبب ڏيندي، سندروءَ (منهنجي سوٽ) چيو تہ جڏهين پاڻ فئمليءَ سوڌو 7 آڪٽوبر جي گوئا ويندو، ان وقت دادي کي مون وٽ موڪليندو.

شام جو دادو، مان ۽ سندرو ڊرائينگ روم ۾ ويٺا هئاسين ۽ مون سندروءَ سان مهابليشور واري ڳالهہ جو ذڪر ڪندي چيو (دادا تہ آخري ڏينهن ۾ ٻڌڻ کان صفا قاصر هو) ”هن دفعي دادا کي ضرور مهابليشور وٺي وڃڻو اٿم.“ تہ اوچتو دادا رڙ ڪري چوڻ لڳو، ”ريتا، توکي مهابليشور جي ڳالهہ ياد آهي نہ؟ مونکي هن دفعي وٺي هلڻو پونديءَ! ڪيترا سال ٿي ويا اٿم پهاڙن جو ديدار ڪئي.“

مون ڪنڌ ڌوڻي ’ها‘ ڪئي ۽ سندس هٿ، هٿ ۾ جهلي ان کي هلڪو دٻائي انجام ڪيومانس.

۽ مون ۽ سندروءَ هڪ ٻئي ڏانهن نهاري مشڪي ڏنو.

ڪيئن ٻڌا ٻڌڻ جي، اڻچاڻائيءَ ۾ دادا ٻہ اُهائي ڳالهہ ڇيڙي رهيو هو جيڪا اسين ان وقت ڪري رهيا هئاسين!

شايد اُها ڳالهہ واتاورڻ جي لهرن مٿان ترڪي، دادا جي اندرين ڪنن تائين پهتي هئي.

ستين آڪٽوبر جي رات دادا سندروءَ جي ماڻهوءَ سان گڏ ڊيڪن ڪئين ۾ پوني آيو. گاڏي ڪلاڪ ليٽ هئي ۽ دادا ٿڪو ٿڪو پيو هو. ٽرين مان هيٺ لٿو تہ لڳو اُنين ٻئي هڻ ت سندس جسم جا لڱ سنجي ويا هئا. مان سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي، موٽر تائين وٺي آيس.

ميز تي ڊنر کائڻ وقت، مون محسوس ڪيو تہ ڏندن نہ هئڻ سبب، دادا کي کائڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿي رهي هئي. پاڻ جي ٽڪيءَ کي چٻاڙي کائي نٿي سگهيو. اُن وقت ئي مون سوچي ورتو تہ ٻئي ڏينهن کان ڪهڙو کاڌو رڌائيندس.

فوٽن سان گڏ اهو فوٽو موڪليو هوم) پر اهڙي نه سٺي نموني اداڪاري ڪري رهيو هو جو ڪجهه وقت لاءِ مونکي به منجهائي ڇڏيائين!

مون پنهنجي پاڙيواري ساهڙيءَ کي دادا جي زينت آمان لاءِ Crush جو ذڪر ڪيو هو. هن وٽ ويڊيو هو (اُن وقت مون وٽ ڪونه هو) هڪ ڏينهن ٻپهريءَ جو ٻــي ٻجي مون وٽ آئي،

”مونوٽ ’قرباني‘، پڪچر جي ڪئسيٽ آئي آهي. سانجهن جو واپس ڪرڻي آٿم. دادا کي زينت ڏيکارڻي هجيئي نه وٺي هليس. زينت جو نالو ٻڌي دادا نه وٺي ٽپو ڏنو. ورنه اهو نه سعدس سمهڻ جو وقت! لنچ کائڻ کان پوءِ ٿي ڪلاڪ کهڙي به حالت ۾ سمهندو هو. پر اڄ ڳالهه نرالي هئي. منهنجو هٿ پڪڙي هليو ’قرباني‘ پڪچــر ڏسڻ! ڏاڍي شونق ۽ ڌيان سان پڪچر ڏنائين پر پوءِ شڪايت ڪرڻ لڳو،

”ويڊيو جو اسڪرين ڏاڍو ننڍو آهي. پوري طرح زينت کي ڏسي ڪونه سگهيس.“

اِتفاق اهڙو ٿيو جو ٻئي ڏينهن ”چايا گيت“ زينت جي راڳ سان شروع ٿيو. دادا جي وات مان نڪري ويو ”هيءَ راڳ نه عبدالله پڪچر مان آهي.“

مون تعجب وچان دادا ڏانهن نهاريو. عبدالله پڪچر جي ڄاڻ مون کي بہ ڪانه هئي! منهنجي ٽي. وي. جو اسڪرين ٿورو وڏو لڳس ۽ خوش ٿي چوڻ لڳو،

”اڄ مون پردي تي زينت کي چڱيءَ طرح ڏٺو آهي!“

اُنهن ئي ڏينهن جي عرصي ۾ جيڪو دادا مــون وٽ گذاريو، مــون ڪانئس پنهنجي ”گيت رامائڻ“ جا 15 گيت پڙهايا هئا ۽ درستيون پڻ ڪرايون هيون. هڪ هڪ اکر تـي

هُئي، جتي پهچڻ لاءِ ١٢ ڏاڪا چڙهڻا پوندا آهن؛ پر ٽپ ٽِپ
تي ٽپ ٽَپ ڪري مٿي هليو ويندو هو. هلندي هلندي ٿا
ڪائيندو هو. هڪ قدم هلي، اَڌ قدم پٺيان ايندو هو. پر ما
پٺيان وڃي مدد ڪرڻ لاءِ هٿ وڌائيندي هُئس ته، اِنڪ
ڪندو هو. روز شيو (Shave) ڪرڻ جي اهڙي ته عادت
هوندي هُئس جو جيستائين ڏاڙهي نه لاهيندو، بيو منجهند
هو، هرڪا شيءِ پنهنجي صحيح جڳهه تي رکڻ جي عادت
اهڙي ته پڪي هُئس جو ڪڏهين ڪا به چيز هتي هتي نظر ڪا
ايندي هُئي.

سندس بليڊ ۽ ريزر اُگهڻ جي اَنداز کي ڏسي، مان ته وائڙي
تي ويندي هُئس - پيو اُگهندو هو، سڪائيندو هو ۽ پالش
ڪندو هو!

سندس مکڙي جي منڊي مرڪ ۽ ڳالهائيندي ڳالهائيندي ٽهڪ
ڏيڻ کلڻ جو انداز اَصل وسري ئي نٿو.

هڪ ڏينهن للتا (منهنجي ڌيءَ) جي شاديءَ جو فو
ڏيکاريو مانس. ڏسي چيائين، "اڙي هيءَ ته منهنجي زينت آ
آهي!"

مون کلي چيو مانس، "دادا هيءَ ته للتا آهي!"
چي، "نه، نه هيءَ زينت آهي."
مان پيئي 'ها ها' ڪريان
هو پيو 'نه، نه' ڪري.
اهڙا ڏهه کن دفعا ائين ٿيندو رهيو.

اهائي مرڪ، اهائي اکين ۾ شرارت ۽ اهائي ناڪاري ڪن
جي لوڏ! مون کي پڪ آهي ته کيس ڄاڻ هئي اهو فوٽو للتا
جو هو (ها، هاڻي ياد ٿو اچيم ته کيس ڪلڪتي ۾ شاديءَ جي

انهن سان لاڳو شبد اسين پڻهنجن پستڪن ۾ ڪيئن وجهندا سين؟"

مون وڏيڪ بحث ڪرڻ واجب نہ سمجهيو ۽ گيم جا اکر ڦيري ڇڏيم.

نعمتن لاءِ ڪئي تو شڪر ادائي

پهرين رات جي هڪ ويلي ڪارائڻ ڪانپوءِ مان سمجهي ويس تہ دادا ڪي کهڙي نموني جو کاڌو ڏيڻ گهرجي. صبوح جو نيرن تي پريج کير سان يا ڪارن فليڪس کير سان ٻيون شيون جيڪي مان کيس ڏيندي هئس سي هيون نرم بيدو، ڪنا نڪتل ڊبروٽيءَ جا سلائيز ڪونئري ڪچڙي ۽ ڏڌ، سوپ، دال، گوشت جو شوروو، ڀاڄين جي رس ۽ ڪيلو. ڏڌ ۽ ڪيلو ٻنهي ويلن تي خوشيءَ سان کائيندو هو. اهي ٻئي شيون مليس تہ ڄڻ الله مليس!

هڪڙي صبح جو دادا کي سچي گيهہ جي ڪوڪي ۽ ماکي ڏنم. ڏسي خوشيءَ ۾ پرجي چيائين، "اڙي ڪوڪي ۽ ماکي! مونکي تہ ڏاڍي وڻندي آهي." ان ڪانپوءِ هر روز نيرن تي ڪوڪي نهندي هئي. هڪڙي ڏينهن کيرڻي نهرايم.

ڏسي کلندي چيائين، "تون تہ مونکي ڪاوڙي ڇڏيندينءَ. هڻي جي اهي شيون نہ ملنديون تہ ڇا ڪندس؟"

دادا، دادا جشن سان گڏجڻ جي مرضي ظاهر ڪئي. فيصلو اهو ٿيو تہ ساڍي آٺين ٻجي شام جو، جيئن دادا جشن ستسنگ مان اُٿندو تہ اسين کيس ٻاهر گڏباسين. دادا جشن، دادي مگهي کي ڏاڍي پيار ۽ قرب سان گڏيو ۽ چيائين، "توهان اچڻ جي تڪليف ڇو ڪئي؟ مون کي نياپو موڪليو ها تہ مان توهان وٽ پهچي وڃان ها!"

ٻنهي وڏا ڀاڪر پاتا ۽ هڪ ٻئي کي پيري پيا.

سوچي سمجهي، خيال ڪري رايو ڏيندو هو. وچ وچ ۾ خف
ٻہ ٿيندو هو، چڙبيندو بہ هو، خاص ڪري جڏهن ٻہ ڪو هندي
اکر سندس سمجهہ کان ٻاهر هوندو هو، يا ورري جڏهن مٿهجي
لکاوت پڙهڻ ۾ نہ ايندي هئس. بعضي وقت وري پنهنجي نِبرٻند
هو يا ڳراٽڙي پائيندو هو. هڪڙي سٽ مونکي ياد آهي. اب
بابانگريءَ جو بيان ڪندي مون لکيو هو-

”گهر گهر لٽڪن رتن تورڻ“

”تورڻ“ اکر تي چڙڪ پري مونڏانهن نهاريائين.

”هي وري ڇا ٿيندو آهي؟“ سامهون جهلڻ جو اِشارو ڪندي
چوڻ لڳو، ”ڇا جنهن ۾ ياجيون توربيون آهن؟“

مون سمجهائيندي ٻڌايومانس، ”نہ دادا! ”تورڻ“ داڻن
گلن جو هار ٿيندو آهي. جيڪو دروازي تي لڳايو ويندو آهي.“

”مون تہ اهڙي شيءِ ڏٺي ناهي ۽ نہ ٻڌي آهي! (تورو تورسي
تون عام سنڌين لاءِ ٿي لکين يا هندي پنڊتن لاءِ؟ جيڪڏه
مان ئي نٿو سمجهي سگهان تہ رواجي ماڻهو ڇا سمجهندا؟“

اهڙو تہ وڏي واڪي ۽ جوش سان ڳالهائيندو هو جو مان
هراسجي ويندي هئس.

مان مٿي وچي ڳاڙهن ۽ اڇن داڻن جي جهالر ڪٽي آيس
کيس ڏيکاريندي چيم، ”هي اٿو تورڻ!“

”اهڙي مهانگي شيءِ تون وٺي سگهندينءَ. رواجي ماڻهو
لاءِ تورڻ آهي هيءَ!“

”تورڻ“ گلن جو بہ ٿيندو آهي. مان ڀاڻ ڏڻ وار تي، وڏ
ڏينهن تي، شادين يا جنم ڏينهن تي ٻهونجي گهر جي مک
دروازي تي لڳائيندي آهيان. سنڌي رسم ڪري اپنائڻ ۾ ڪهڙ
نقصان آهي؟“ مون وراڻيو.

”نقصان تہ ڪونهي، پر جيڪا رسم سنڌين ۾ آهي تہ ڪان

هڪڙي ڏينهن شام جو مون کلي پڇيومانس، "دادا، توهان کي پوني ۾ آرام ته آهي نه؟ (توهين Comfortable آهيو؟)
ته اهو ئي ساڄو هٿ مٿي کڻي مرڪي ورايائين، "ڪهڙو تي سوال پڇين؟ مونکي شاهاڻو آرام آهي، مونکي پيار پريو آرام آهي. (مان Royally comfortable آهيان)

مهابليشور وڃڻ لاءِ مون ڊرائيور جو بندوبست ڪيو. جنهن صورت دادا جهڙي پير مرد کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃي رهي هئس، سو چيم ته ڇو نه پنهنجي سس کي به، جنهن کي پڻ مهابليشور سان خاص دل هئي، پاڻ سان وٺي وڃان.

اسان چاهيو ٿي ته صبوح جو سويل ئي منهن اونداهيءَ نڪري وڃون، پر دادا پڌرو ڪيو ته پيٽ جي تڪليف سبب هو سويل نڪري ڪونه سگهندو. رات جو مان دير سان موٽيس ته دادا ڪاڏي جي ميز تي هو ۽ ڏاڍو خوش پئي لڳو. مونکي ڏسي واکو ڪري چيائين ته ريتا، ڪمار کي بيحد Brilliant خيال آيو آهي! اصل منهنجو مسئلو ئي حل ڪري ڇڏيائين."

مان حيرت مان پڇڻ لڳس، "اهو وري ڪهڙو خيال آهي؟"

ڪمار چوي ٿو، "جلاب وٺڻ جي ڪريئي ته توهانکي صبوح جو دير سان ٿـو نڪرڻو پوي نه، ته جلاب وٺـو ئي ڇـو ٿا؟" مشڪندي، "واه ڇا ته خيال آهي! سو مان اڄ رات جلاب ڪونه وٺندس. صبوح جو سويل ئي نڪري هلنداسين. مهابليشور ۾ جيڪي ٿيندو، اُنکي ڏسي وٺبو."

۽ دادا ٻارن وانگيان کلي ڏنو. دادا جي اهڙي سادگيءَ تي مونکان به کل نڪري ويئي.

دادا جشن جڏهين ٻڌايس ته پاڻ دادا جو شاگرد رهيو هئو. کيس جهونيون يادگيريون ڏيارائي ٻڌايو ته فلاڻو انگريزي ڪتاب توهان مون کي پاڙهيو هو ته دادا نه رڳو گد گد ٿيو پر عجب وچان اکيون ئي ڦاٽي پيس ۽ چوڻ لڳو،

"مار! منهنجو گرو منهنجو شاگرد!!"

دادا جشن اسان کي وڏي دادا (ساڌو واسواڻي) جي سماڌيءَ تي وٺي هليو. پاهر نڪتاسين ته دادا جشن پٽ تي ويهي دادا جي جتيءَ جا ڏاڳا ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي. دادا بيحد شرمسار ٿيڻ لڳو ۽ هٿ جوڙي دادا جشن کي وينتي ڪرڻ لڳو.

"مهرباني ڪري ائين نه ڪريو، نه ته مان هتان پرڀري ويندو سانوَ."

دادا جشن نه رڳو اسان کي موٽر تائين اماڻڻ آيو پر پنهنجي ششن سان گڏ، موٽر جي پٺيان پنيان گيٽ تائين به پنڌ آيو. دادا هٿ جوڙي الوداع ڪئي.

ان گڏجاڻيءَ کان دادا اهڙو ته متاثر ٿيو جو گهر پهچڻ کان پوءِ به اَڌ ڪلاڪ ڪرسيءَ تي چپ چاپ اکيون ٻوٽي ويٺو رهيو، جڻ ته سن لڳي ويئي هئس. رکي رکي مون کيس پڙڪندو ٻڌو، "ايڏي نمرتا، ايڏي نهٺائيءَ! منهنجي جتيءَ جا ڏاڳا ٿي ٻڌائين!!"

"دادا جشن ۾ ڪا ته مٺيا آهي، جنهن سان منهنجو مڪاميلو اڄ ٿيو آهي!" مون هنڪي چوندو ٻڌو.

دادا جي اِها هڪ عادت هوندي هئي ته جڏهن به تعجب ٿيندو هوس يا ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي هئس ته پنهنجو ساڄو هٿ مٿي ڪٽي، پنجيئي آڱريون ڦهلائي هٿ سان سوال پڇندو هو. ساڳيءَ ريت، اُن رات به سوال ڪري رهيو هو.

ڏينهن سماپت ٿيو ۽ رات جو چوڻ لڳو،
”اهڙي شاندار ڏينهن کي سٺي نموني ملهائڻ تو چاهيان- مون کي بيئر جي باٽل وٺڻي آهي. توکي به ساٿ ڏيڻو پوندو.“

هائي منهنجي سس وري اُبتر ويچارن جي آهي. تنهن وري منهن ڦيري چيو، ”اسين ته جيڪر ائين چئون ته اهڙي سٺي ڏينهن کي شراب پي ڀرشٽ نه ڪريون!

مان ته ٻن ٻاهين ۾ اَڙجي ڦاٿس. دادا ساڳي ڳالهه جي وٺي رٽ لڳائي هئي ۽ مون کي دادا جي فائدي ۾ فيصلو ڪرڻو پيو. دادا جي ضد ۾ اُتساهه کي نظرانداز نه ڪري سگهيس.

گورنمينٽ هائوس جي V. I. P. Suits ۾ دادا کي اڪيلو بيئر پيئڻ ۾ مزو نه اچي رهيو هو. هاڻي وري ڏاڍي پاٻوهه مان چئي رهيو هو،
”پِتا، ٿورو تون به گلاس ۾ کڻ نه!“

مونکي پنهنجي اميءَ جو ٻئي ڪمري ۾ هئڻ جو هردم احساس هو ۽ مون ڪنڌ ڌوڻي اِنڪار ڪيو.
”پلا رڳو هڪ ڍڪ منهنجي گلاس مان ئي پي.“ دادا پيار مان پر ڏاڍيان چيو.

مون ٻچي دادا جي گلاس مان هڪ سپ ورتو.
دادا ٿهائين واکو ڪيو، ”اڙي وڏو ڍڪ پي نه!“
مون چپن تي آڱر رکي دادا کي ماٺ ٿي وڃڻ لاءِ چيو.
”اڙي، چپن تي آڱريون ڇاجي لاءِ پيئي رکين؟ ڇا سس کان ٿي ڊڄين؟“
پنهنجي لهجي کي ساڳيءَ پچ تي رکندي دادا چيو.
ٻڌهه نه ٻڌي سگهڻ جي حالت ۾، دادا کي پنهنجي آواز

قدرت جي سونهن ۾ تو ڪرتار کي ڏٺو

ٻئي ڏينهن صبوح جو انڌيري ۾ نڪري پياسين. ڪمار
ڊرائيور سان اڳئين سيٽ وچ والاري. پاڻ سان پنهنجا وڏير
پنهنجي سس ۽ چاچو کنيا هئم، انڪري مونکي پٺئين سيٽ
تي ٻنهي جي وچ ۾ ويهڻو پيو ۽ سمٽبوچ ٽيٽو پيم. سانده
ڏينهن اهڙو ئي سلسلو رهيو. رستي تي ڪمار کي چوندو پئي
ويو، "گاڏي پلي آهستي هلاءِ. مان رستي جي هر انچ جي
لذت ماڻڻ چاهيان ٿو." پهاڙن جي وروڪڙن کي بيحد ڌيان
هاريڪيءَ سان جاچي رهيو هو ۽ چوڌاري ڦهليل ڪائنات کي
عجب ڀريل اکڙين سان ويٺي ڏٺائين جڻ ته پڙهون پيو ويٺي
پسيائين!

سارو ڏينهن گهمياسين، گهتياسين. مهابليشور جي پهاڙي
نظارن سان دادا پنهنجا نيڻ ٺاريا.

ڪيٽس پائينٽ (Kates Point) دادا کي خاص وڻي. اُتا
اونچين اونچين پهارن جي ٻنهي ترين ۾، ميلن ۾ ڦهليل وادي
جنهن ۾ ڪٿي سوسٽي پاٽيءَ جون پنڊيون، ڪٿي سائو
ٻيون جنهن پوريون جهوپڙيون، ڳوٺ ۽ ٻهراڙيون، هڪٿي هندا
سڀ گڏجي نظر اچي رهيون هيون. مٿان وري نيلي آسما
مان اچا اچا ڪڪر هيٺ لهي رهيا هئا. دادا اُتساهه ۾ پوري
جوش ڀري لهجي ۾ وڏي واڪي سان چوڻ لڳو،

"مان ڪنهن به شخص سان شرط ٻڌڻ لاءِ تيار آهيان
ڪيٽس پائينٽ مهابليشور جي بهترين پائينٽ آهي، ما
چئلينج ٿو ڪريان!"

پر اُتي چئلينج قبول ڪرڻ وارو، شرط ٻڌڻ وارو يا ٻحث
ڪرڻ وارو ڪو هوئي ڪونه ۽ دادا جي مٿي هوا ۾ اُڇليل م
هيٺ اچي ويئي!

مان مريادا سبب ڪنهن کي ڪجهه ڪچڻ جو ساهس ئي ڪونہ ٿيو. اُنهن ڪٺن سيني لاءِ هڪ انوکي پرستشي پيدا ڪئي، پر اُهي بہ گذري ويا.

دادا جي ڀاشڻ جو وقت آيو، جنهن جو وشيہ هو ”سنڌي ڀاشا جو اِنڊو- يورپي ڀاشائن سان سنبنڌ“ هن پنهنجي موضوع سان خوب نباهيو ۽ تارين جي ٺهڪي سندس مرحبا ڪئي.

اُن رات اسين دادا کي بوٽ ڪلب ۾ ڊنر ڪارائڻ وٺي وياسين. اُتي وري هڪ ٻيو اڻوڻندڙ واقعو ٿيو. مان اڳ ۾ ئي چئي چڪي آهيان تہ دادا ڪافي ڪمزور هو. جنهن وقت بوٽ ڪلب جي رات تي سوُپ سرو (Serve) ڪيو پئي ويو، دادا جي ڏنڊڙ هٿن مان اهو سوُپ جو Bowl ڪري پيو. جيتوڻيڪ اهو چيني جو ڪٽورو ڀڳو ڪونہ، پر دادا جو آتم وشواس ڀڄي پيو. گرم گرم سوُپ، سندس سوُٽ آلو ڪري ڇڏيو ۽ دادا پاڻ پريشان ۽ پشيمان!

هوُ نشيدار لهجي ۾ چئي رهيو هو،

“Oh so clumsy of me!”

”مان ڪهڙو نہ بيڊنگو آهيان!“

”ڪهڙو نہ اوڻ آهيان مان!“

۽ وري وري پئي چيائين

“I am so sorry Vishnu. So clumsy of me!”

”پنهنجي انتهائي بيشعوُريءَ لاءِ معافي طلب آهيان، آنءُ!“

وشنوءَ آٿت ڏياريندي چيس، ”پرواه ناهي، دادا! ٻيو سوُپ آرڊر ڪري ٿا وٺون.“

”نہ، نہ مونکي تہ ڪو ڪٿ ئـي ڪونهي! منهنجو سوپ نہ ڪرڻ کپندو هو. منهنجو هڪڙو ئي سٺو سوُٽ خراب ٿي ويو. هاڻي سياڻي مان ڇا پائيندس؟“

جي ننڍي ۽ وڏي هٿڻ جي بوجهه ئي ڪانه ٿيندي هئي.

”ها، تنهنجي سس سپاءُ جي ڪيئن آهي؟ توسان ورتاءُ ڪيئن اٿس؟“ دادا پنهنجي پرپور گلي سان چوندو پئي ويو. منهنجي لاءِ ڪمرو ڇڏي، پنجي وڃڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونه ٻچيو هو!

ٻئي ڏينهن رخصت وقت، اُتي جو چپراسي وڏو رجسٽر کڻي آيو جنهن جي ڪاميٽس جي ڪالم ۾، دادا اُتي جي آرام، آسائش ۽ بندوبست توڙي خانسامان جي لذيذ ڪاڌي جي دل کولي ساراهه ڪئي ۽ صحيح جي هيٺان لکيائين

Fellow of Sahitya Akademy.

دادا کي مون سندس پلنگ جي پرسان هڪ اسٽينڊرڊ لئمپ (پٽ تي رکڻ واري بتي) رکي ڏني هئي. هن کي روز رات جو سمهڻ کان اڳ ڪجهه پڙهڻ جي عادت هوندي هئي. پر هن جي پڙهڻ جو انداز ڏاڍو نرالو هوندو هو... هو زور زور سان پڙهندو هو. پهرين رات سندس آواز ٻڌي، مان ڊوڙندي سندس ڪمري ۾ ويئي هئس، ڏسڻ لاءِ ته ڪنهن سان ڳالهائي رهيو هو... پر پوءِ محسوس ڪيم ته هو خود پاڻ پنهنجي آواز کان بيخبر هو.

ساڳي ڳالهه ڪيائين ڊيڪن ڪاليج جي سيمينار ۾ جيڪو ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، سندس سنمان ۾ سڏايو هو. دادا کي ان جي صدارت پڻ ڪرڻي هئي.

اهو شام جو ويلو هو. سيمينار هال ماڻهن سان ڪچا ڪچ ڀريل هو. معزز مهمان منچ تي ويٺل هئا.

جنهن وقت مکيه مهمان پنهنجو ڀاشڻ ڏئي رهيو هو، دادا پنهنجي هٿن وارن پنن کي پڙهڻ شروع ڪيو، زور زور سان.

هنن تقرير چالو هئي هتان دادي جو پڙهڻ... ۽ دادا جي

منهنجو جواب، ”سومنگ ڪرڻ.“
دادي ڪلي پڇيو، ”هاڻي آهي؟“
ڪلي وراڻيم، ”ها، دادا، هاڻي آهي!“
۽ دادي پنهنجو ساڄو هٿ مٿي ڪيو.

تنهنجي نه هئي آشاوادي ويچار ڌارا

هڪڙو واقعو جو ذڪر ڪرڻ جوڳو آهي اهو اهو آهي- هڪ صبوح نيرن لاءِ ميز تي وينا هئاسين ۽ مون وٽي وٽي ۾ سٽون لکي ورتيون ۽ دادي کي ڏيکاريون.

لاچاريءَ کان تون ڀڄوان بچائج
محتاجيءَ کان اڳ جڳ مان اُٿارج

بس، آڳبولا تي ويو ڇي،
”مون کي ڏسي تي ڪوينا لکين؟ ڪير تو چوي ته مان لاچار آهيان؟ موت جي ڳالهه اُن سان ڪبي آهي جو مرڻ وارو هوندو آهي. مان مرڻ وارو تو ڏٺي آهيان؟“
شاهه صاحب جي آيت

”جيئڻا اڳي جي جيئا، جڳ جڳ شال جيئن
اوءِ موئي ڪيئن ورن، مرڻان اڳي جي هئا.“

ياد ڪري چپ ٿي ويس ۽ وري موت ۽ ٻڍاپي جي ڳالهه پلجي ۾ زبان تي ڪانه آندم.

هر روز شام جو، وسڪيءَ جو گلاس هٿ ۾ جهلي ويهندو هو ۽ مان متس سوالن جي بوڇار لڳي ڪندي ويندي هئس، جن جا جواب پاڻ ڳالهائي ڏيندو هو. مان صرف، پنهنجي خاندان جي باري ۾ - سندس، پنهنجي پِتا، پنهنجي پِڙيءَ، ڏاڏي ۽ ڏاڏيءَ ۽ ٻين جي زندگيءَ سان تعلق رکندڙ سوال

”دادا ٻراءِ ڪلينوس وارا هڪڙي ڏينهن ۾ ٽي ڏوئي
ڏيندا آهن.“

”نہ نہ!“ "It was very clumsy of me!"

دادي جا هٿ ڏڪي رهيا هئا ۽ سندس گناهگاري نگاهون
بار بار سوٽ جي آلي ڏٻي ڏانهن وڃي رهيون هيون.

دادي کي وندرائي رکڻو هوم سو هڪڙي ڏينهن پنهنجا
فوٽن جا آلبم ڪڍيم. سون جي تعداد ۾ رنگين فوٽا، اڇا ۽ ڪارا
فوٽا ۽ رنگين سلائيڊس (Slides) ڏسي، جيڪي مون ڪنهن
وقت ٻارن جا ڪڍيا هئا، دادو وائڙو ٿي ويو ۽ پنهنجو ساڄو
هٿ لوڏي پڇڻ لڳو، ”هيترا فوٽا تو ڪڍيا آهن؟“

”ها، دادا منهنجي هابي (Hobby) آهي.“

دادا ساڄي هٿ جون پنجئي آڱريون ڦهلائي تعجب جو
اظهار ڪيو.

هڪڙي ڏينهن پنهنجن رڪارڊن جو ڪٻٽ ڏيکاريو مانس
پوءِ هڪڙو رڪارڊ وڄائي، وڏي ۾ وڏو واليوم رکي پڇيومانس،
”دادا ٻڌڻ ۾ اچيو ٿو.“

دادي ٻڌڻ جي ڪوشش ڪندي، ڪنڌ ڌوڻي چيو، ”نہ
نٿو ٻڌڻ اچيم“ ۽ پوءِ پڇياڻين،

”۽ هيترا رڪارڊ ۽ ڪئسيٽون؟“

”ها، دادا منهنجي هابي آهي.“

دادا وري پنهنجو ساڄو هٿ مٿي ڪري تعجب ظاهر
ڪيو. ”هابيءَ“ جو هڪ ڇرچو ٿي پيو.

هڪڙي ڏينهن ٽرڻ جا ڪپڙا ٻئگ ۾ وجهي مان ٻاهر نڪرڻ
لاءِ تيار ٿيس. دادي جو سوال ”ڪيڏانهن پيئي وڃين؟“

”برابر، بيحد مزيدار مقام تي آندو اٿيئي.“

ڪڏهين سنجها جو دادا جو هٿ پڪڙي پنهنجي ڪمپائونڊ ۾ پنڌ ڪرائيندي هئس. هو چاهيندو هو ته ڪيس ٽوئنٽ ڪان نه پر آڱرين ڪان جهليان، جيئن پاڻهي پاڻ ڪي سهارو ڏيئي سگهي. ڊڄندو هو ته ڪٿي ٿاٻڙي پوندو. اهو به چوندو هو ته پنڌ ڪرڻ سان هاضمو سٺو ٿو رهي، نه ته ڪانسٽيپيشن (Constipation) ٿي پوي. هڪڙي دفعي پنڌ ڪري چوڻ لڳو،

”اڙي، ڏسو ته سهي! اسان جا پاڇا اسانجي اڳيان پيا هلن. ڏس ٽون مونکان، ٻه وڏيڪ ڊگهي ٿي وئي آهين.“

تڏهن مون دل ئي دل ۾ چيو هو، ”دادا، مان ڊگهي ڪانه ٿي آهيان، توهين جهڪي ويا آهيو!“

خوشقسمتيءَ سان دادا جي مؤجودگيءَ ۾ هٿ پوني ۾ آل انڊيا سندي پنڌ'يت جا جلسا ٿيا. مشهور سنگيتڪار بلو سي راڻي پنهنجي پارٽيءَ سوڌو پوني ۾ آيو ۽ سڀ مون وٽ اچي لٿا. گهر ۾ رونق لڳي پيئي هئي. اُن موقعي جو فائدو وٺندي مون گهر ۾ ننڍڙي موسيقيءَ جي محفل جو بندوبست ڪيو پر ننڍڙيءَ مان چڱي چوکي وڏي محفل جمي وئي. چند گهنٽن جي اندر ئي فون جي ذريعي ٽيهه جوڙا اٽڪل سٺ ڪن مهمان ڪٺا ڪري سگهيس. سڄي ڊرائينگ روم ۽ ڊرائينگ هال، وغيره مٿي وينڊز ڏاڪڻ جي ڏاڪن تي به مهمان ويهجي ويا. بلو سي راڻي سنگيت جي چڱي موج مچائي ۽ دادا ڪجهه نه پڌندي به تاڙيون وڄايون. اِهو هڪ ڊيوئيٽ (دوگانو) هو جيڪو سشي آهوجا بلوجيءَ سان گڏ ڳايو هو.

”سوني سلوني منهنجي جان
توُن اچين يا مان اچان؟“

سڀ ڪلي ڪلي اونڌا ٿيندا پئي ويا ۽ دادا راڳ پوري ٿيڻ

پڇندي ويندي هئس جن جا جواب هو کلي دل سان ۽ خوشي
سان ڏيندو هو.

وڌ اوستا ۾ هر هڪ کي پنهنجي ماضيءَ سان اُتي پيا
ٿيندو آهي. اهو ئي سبب هو جو دادا لاءِ اُهي سوال جواب
جا سيشنس راحت ۽ فرحت جا باعث هوندا هئا ۽ ان ڳالهه
جو مونکي يقين آهي. پنهنجي حياتيءَ جي شروعاتي سال
جو ذڪر ڪندي هن ٻڌايو ته ڪيئن، ڪهڙين حالتن ۾ ڪهڙي
پريرڻا هيٺ، هن پهرين پهرين لکڻ شروع ڪيو هو. مون
پڇيومانس "توهان پنهنجي جيون- ڪٿا ڇو نه لکي؟"

"مونکي ڇيو ويو هو ڪئين ڀيرا، مان لکي به سگهان ها
پر اَلائي ڇو نه لکيم؟ خبر اَٿيئي مون چار دفعا پيار ڪيو هو؟"

۽ اُن وقت مون محسوس ڪيو ته دادا جي زندگيءَ ج
اهم پهلو پيار ئي هو.

اِها هڪ عجيب ۽ ڏک پهچائيندڙ حقيقت آهي ته منهنجي
لکيل سوالن وارا ڪاڳر اڃا به مون وٽ موجود آهن پر دادا ج
زباني جواب، منهنجي ڪنن تائين پهچي، هوا ۾ گم ٿي ويا

هڪڙي ڏينهن شام جو ڇئين بجي دادا کي چيم،

"هلو، موٽر ۾ ويهو ته توهان کي هڪ دلچسپ آستان تي
وٺي هلان."

"هيئن گائون ۾ ڪيئن هلبو؟"

"توهين هلو ته سهي! اسين موٽر مان لهنداسين ئي ڪونه."

مون رجنيش آشرم جي ٻاهران وڃي موٽر بيهاري. هزارن جي
تعداد ۾، نارنگي لباس ۾ عورتون ۽ مرد اڳهڙو ڪري وديشي
هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾، ڪي رستي تي بيٺل ته ڪي رستي تي
ويٺل، ڪي هڪ ٻئي سان چنبڙيل. دادا جون اکيون اهو نظارو
ڏسي ڇرخ ويون ۽ خوش ٿي چوڻ لڳو،

خوبصورتيءَ وٽ هئي. ڊاڪٽر صاحب کي ڏسي دادا خوشيءَ ۾ ڀرجي ويندو هو ۽ مزيدار ڳالهيون ڪرڻ لڳندو هو. چوڻ لڳو،
”لڇمڻ، تنهنجي اڄ اچي ۽ اڄ ڪاري ڏاڙهي مونکي پرمانند ميوارام جي يادگيري تي ڏيارائي. اهڙا مشابهت شايد انڪري آهي جو اهڙا قد ڪاٺ جا ته تون ۽ هو. ڪنهن وقت هن وانگر ٿي ڊڪشنريءَ جو ڪم پاڻ تي هموار ڪيو هو.“
ڊاڪٽر صاحب جي لائبريري ڏسي جڏهين هو هيٺ لٿو ته پنهنجو ساڄو هٿ مٿي ڪري چوڻ لڳو،
”خبر اٿيئي اڄ مون ڇا ڏٺو آهي؟ اڄ مون هڪ باغ ڏٺو آهي — ڪتابن جو باغ!“
اُن ڏوران پوني ۾ سنڌي ناٽڪ ٿيا، جنهن پهرين تي، دادا کي اِسٽيج تي گهرائي سندس اِستقبال ڪيو ويو. پونا ڪلب ۾ پڻ دادا کي سنمان پتر مليو. ڪلب ڏانهن ويندي چوڻ لڳو،
”مان ته سمجهندو هوس ته پونو هڪ ننڍڙو شهر آهي جتي چوڏاري مٿي پٿي اُڏامندي هوندي. هتي ته مزا لڳا پيا آهن! اهڙا مزا ته بمبئي ۾ به ڪونه هوندا.“
ٽرف-ڪلب جي ڊنر پارٽيءَ تي پوجواٽيءَ رکيو پنڌرهن ويهه جوڙا گهرايا هئا- اُتي به دادو هليو ۽ هلي خوش ٿيو، اُتي سنگيت جو ننڍو پروگرام رکيو ويو هو. ڪماڙ راڳ ڳايو ۽ مون به ڳايو، دادا ڀڄي ته ڪونه سگهيو پر منهنجي راڳ ڪانپوءِ يڪدم مائيڪ جي اڳيان اچي بيٺو ۽ چوڻ لڳو:
”اَڄ پنهنجي پائنيءَ کي ڳائيندو ڏسي مونکي پنهنجو ننڍو پاڻ ياد اچي ويو آهي جو انگريزي راڳ ڳائيندو هو. اڄ مان توهان جي اڳيان، سندس ئي سيڪاريل راڳ ٿو ڳايان. بس، وڏي واڪي سان ڳائڻ شروع ڪيائين:

بعد پنهنجي تقرير ۾ چيو،

”مون لفظ ته ڪونه ٻڌا پر ٻنهي ڪلاڪارن جي ڳائڻ جي
انداز مان اهو اندازو لڳائي سگهيس ته راڳ رومينٽڪ هو
ڪهڙي نه خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو اڄ مان پنهنجي موسيقي
اُستاد چندرام جي پٽ کي ڳائيندو ٻڌي رهيو آهيان!“ ماستر
چندرام کيس رياض ذريعي دادا جي گهگهي گلي کي ڪجهه
وقت لاءِ منوءَ سريلو بڻايو هو، اهو بيان ڪري ٻڌايائين.

دادا جي هٿڻ ڪري مون وٽ آوت جاوت لڳي پيئي
هوندي هئي. ڪڏهين رپورٽرس ته ڪڏهين فوٽوگرافرس پئي
آيا، جن کي دادا ڏاڍي فخر سان پنهنجي جيون جا واقعا پئي
ٻڌايا.

آرتوار ڏينهن صبوح جو اسان وٽ سندو سڀا جي ميٽنگ
هلي رهي هئي. (وشنو سندو سڀا جو پريزيڊنٽ آهي) جنهن
پندرهه ويهه پوني جون مشهور شخصيتون آيل هيون. دادا ڪجهه
وقت هنن جي وچ ۾ ويٺو رهيو، پر جنهن حالت ۾ ڪجهه ٻڌي
نٿي سگهيو. پندرهن ويهن منٽن کانپوءِ اُٿي بيٺو ۽ چوڻ لڳو

”مان توهان کان معافي ٿو گهران جو مونکي مٿي وڃي ٿيا
ٿيٺو آهي. پر جنهن حالت ۾ مونکي جاڻ آهي (وشنوءَ لکي
ٻڌايو هوس) ته توهين هتي اهو فيصلو ڪرڻ لاءِ ڪٺا ٿيا آهيو
ته دسهڙو ڪيئن ملهايو وڃي، مان توهان کي ويتي ڪندس
ته راوڻ کي ساڙيو نه. راوڻ ساڙڻ ڏڪار جي نشاني آهي، من
ڏڪار رکي اسين پاڻکي ۽ سماج کي هاڃي ئي رسائيندا سين.“

بس ايترو چئي، هٿ جوڙي مٿي هليو ويو.

دادا جي اهڙي پوري ۽ واجبي ڳالهائڻ جو معزز مهمانن تي
خوشگوار اثر پيو ۽ دادا لاءِ سڀني نظرن ۾ شرڌا وڌي وئي.

اُنهي ئي ڏينهن، اسانجي مڇهند جي ماني داڪٽر

ڪڏهين ڪنهنجو برو چاهيائين ۽ نه ڪڏهين پرائي ٻچار ڪيائين. مون ته ڪڏهين به ڪين پنهنجي سور جو اظهار ڪندو به ڪونه ڏٺو ۽ نه ئي ٻڌو. لڱن ۾ سور هوندو هو، وس ڪنجهندو هو، ڪروسين جون گوريون ونندو هو پر وات سان ڪڏهين به ڪونه چيائين، "مون کي لڱن ۾ سور آهي."

٨ نومبر دادا جي رخصت جو ڏينهن هو، ٧ تاريخ ڏياري هئي، سندرو ٻامبي مان اچي چڪو هو ڪيس وٺي وڃڻ لاءِ. ڏياريءَ جي ڏينهن، مون گهر جي وڏي دروازي تي گلن جو هڪ تورڻ لڳايو ۽ دادا کي ڏيکاريو. دروازي جي ٻاهران رنگوليءَ جي رنگبرنگي نقشباري به ڇٽيم.

مونکان شام جو سندر نظارو اصل وسرندو ئي ڪونه جو اڃا به اکين اڳيان پيو ڦريم.

١- موڪل جو ڏينهن آهي ۽ مرد گهر ۾ آهي. سڄو گهر ٻجليءَ جي ٻتين سان روشن آهي. اسانجو مالهي هر سال وانگر رنگين پنين جو فانوس ٺاهي آيو آهي ۽ ڇت تي چڙهي، اُنلاءِ موضوع جڳهه وينو ڳولهي. دادا پنهنجو رايو ڏنيس تو ته ٻنگلي جي وچ ۾ نه، پر ڪنڊ واري ٻلب تي لڳائي. هن دادا جي ڳالهه مڃي ٻنگلي جي ڪنڊ واري ٻلب مٿان ٽارو لڳايو.

٢) مالهي پنهنجي دوستن سان گڏ، ڇت تي چوڌاري بالڪنيءَ ۾ ۽ هتي هتي ڏيئن رکڻ جي جاءِ ٺاهي. ڏيئا وينو رکي. دادا، وشنو ۽ ڪمار ڪين ٻڌائين وينا ته ڏيئا ڪيئن ۽ ڪيتري وڇوٽي ڇڏي رکجن.

٣) هاڻي ڏيئا ٻري چڪا آهن. دادا آرام ڪرسيءَ تي لان تي وينو آهي، آنند وچان پنهنجو مٿو ٽيڪي، نيم کليل اکڙين سان ڏيئن جي جهرمر ڏانهن وينو نهاري. منهنجي من ۾ هڪ کن لاءِ هڪ ويچار اُٿي آيو

Molly Molly! Why everything is jolly
When I see your eyes of Blue
Molly Molly! I am so melancholy
When I am far away from you

جيتوڻيڪ سُر ۽ تار ڪجهه به ڪونه هو پر شبد سڀ ياد هئس. الفاظ چوندو ويو، چوندو ويو. ڳائي نه ويو پر ڪيس به پڪ ڪانه هئي ته راڳ بيٺو ڪيئن. ٻئي ڏينهن صبوح جو مونکان سوال پڇيائين:

"تو مونکي منهنجي راڳ جو رايو ڪونه ڏنو."

مون لکي ٻڌايو مانس ته توهان راڳ سٺو ڳايو، سيدي عجب کاڌو ته توهان کي هيڏا سارا اکر ياد ڪيئن هئا!"

ٻس، خوش ٿي ويو، پر ڏوراپو ڏيندي چوڻ لڳو، "تون داد ڏيڻ ۾ ڏاڍي سست آهين."

مان کيس سمجهائي ڪانه سگهيس ته ساڻس گفتگو ڪرڻ ڪيڏي نه ڏکي هئي.

دادو ٨٥ ورهين جي عمر ۾ دل سان ٻارن کان ٻار هو ۽ جوانن کان جوان هو. هنجو هردو اُمنگ ۽ اُتساهه سان ڀرپور هو ۽ هنکي زندگيءَ جي هر شيءِ لاءِ اٿاهه پيار هو. هڪ دفعو مون کيس ڊاڪٽر کوٻنداڻيءَ کي چوندو ٻڌو،

"مان هنن لذيذ علتن (سگريٽ ۽ وسڪيءَ) کي ڇڏي نٿو سگهان. اُنهن مان لذت وٺي، مٿان گوريون کائي سمهي پوندو آهيان."

مون ڪڏهن موهل ڏوکي ڪڙڪندو نه ڏٺو

هڪڙي دادي جي خوبي، جا مون ورلي ماڻهن ۾ ڏٺي آهي اها هئي - هو ڪڏهن ڪنهن جي گلا ڪونه ڪندو هو، نه

ايائي ٻجي دادا جو سامان گاڏيءَ ۾ وڌوسين. دادا پنهنجي سيٽ تي ويٺو ۽ وشنو ۽ مان اڳيان ويناسين. سعدرو اسٽيشن تي گڏجڻو هو.

جڏهن وشنوءَ موٽر اسٽارٽ ڪئي ته دادا پنهنجي هٿ لڏائي ٻارن وانگر چيو، "ٽاٽا زريئانا، ٻاءِ ٻاءِ زريئان!"

پهرين مان نه سمجهي سگهيس ته هيءَ زريئانا وري ڪير ٿيندي آهي؟ پر پوءِ هڪ ڪن ۾ سمجهي ويس ته فلوريئانا (ڪالونيءَ جي نالي) کي دادا زريئانا چئي رهيو هو. چاڪاڻ ته ٻڌڻ اصل ۾ ڪونه ايندو هوس پنهنجن پلن جو احساس به ڪونه ٿيندو هوس، پر اهڙيون پلون ورلي ئي ڪندو هو، جڏهين اسين رستي جي موڙ تي پهتاسين ته ڪند وَرائي وري رستي سان ٻاءِ ٻاءِ ڪندي چوڻ لڳو،

"ٻاءِ، ٻاءِ، بوٽ ڪلب روڊ ٻاءِ ٻاءِ!" اکين ۾ اهائي شرارت ۽ چپن تي اهائي مرڪ.

ڪير ٿي اُن وقت چئي سگهيو ته اها "ٻاءِ ٻاءِ" سچ پچ، صرف ٢٢ ڏينهن اندر (پروفيسر ملڪاڻيءَ بمبئيءَ ۾ ١ ڊسمبر ١٩٨٠ع تي شرير تياڳيو) هميشه لاءِ ٻاءِ ٻاءِ ٿي ويندي!

ٽرين ۾ پنهنجي سيٽ تي ويهي، هر هر وشنوءَ جي مهرباني پئي مڃيائين ۽ مونکي پيار پئي ڪيائين - منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ٿائيت جهلي ويٺو هو، جو ٿڌو ٺهڙو برف ٿيو پيو هو. پپاڙيءَ ۾ موڪلائڻ مهل، مون ٻنهي هٿن سان سندس چهرو جهلي، پنهنجي چپن سان چميو. ٻاڻ به موت ۾ پيار ڪيائين.

مان ٻاڻڪي وڏ ڀاڳي ٿي سمجهان جو اُن مهان آتما سان، جنهن لاءِ مون کي هميشه کان، اَپار پيار ۽ عزت هئي، ڪجهه ڏينهن ويجهو گهاري سگهيس، جڏهين مان هن کي تمام قريب کان جاچي، پرکي ۽ سمجهي سگهيس. اهي ڏينهن

”جيئڻ جيئڻدن جا ميلا! هن جي ٻئا زندگيءَ ۾ اهڙ
موقعو وري نصيب ٿئي يا نہ ٿئي؛ ڏياريءَ جو اهڙو ميلا
ٿئي نہ ٿئي؟“

۴) ماڻهن جي اڄ وڃ لڳي پيئي آهي. منهنجا سيڻ آيا
آهن. ٻيا دوست ٻہ اچن وڃن پيا. دادا سان ڪيڪاري ڳالهائين
پيا. دادا ڏاڍو خوش نظر اچي رهيو آهي.

۸ ڊسمبر ۱۹۸۰

صبوح جو ننڍون ڪان پوءِ، دادا پوني ۾ تيل مشغولين ۾ ٻئا
ڪاڳر پيا، پيپر ڪٽنگس ۽ پوني ۾ آيل خط پٽ وڃي ڪٽ
ڪيا. اُنهن تي ٽاچنيون لڳائي هڪ هنڌ ويٺي سهيڙي رکيائين
ڏڍن منجهند جو ٽي ٻجي نڪرڻي هئي. مونکي چوڻ لڳو،
”سڀئي ڳالهہ ٻڌايان ءَ؟“
”چئو دادا!“
”ٻئي شهر مان پنهنجي گهر وڃڻ جي جيڪا خوشي
ٿيندي آهي عام طرح سان اڄ ٿئي ٿي نٿي!“
”دادا، ڪٿي نہ وڃو. رهي پئو هتي.“
”نہ، نہ، وڃڻو ضروري آهي. ڪتاب سنڀالي ڪ
ڪارڻ سان نبرڻو آهي.“
ٿورو ترسي مون لڪي پڇيومانس —
”توهان سان گڏ رهي مهنو ڏاڍو مزي ۾ گذريو.“
پڙهي وري ساڳيو عجب وارو ياءَ اکين ۾ اچي ويس ٿوري
دير لاءِ چپ ٿي ويو ۽ پوءِ پنهنجي انداز وارو ساڃو هٿ مٿي
ڪري، آڱريون ڦهلائي چوڻ لڳو،
”مون ڪي سمجهہ ۾ نٿو اچي ٻا ڇوان، اصل ڪجهہ سمج
۾ نٿو اچيم!“

• دوُريءَ جي مجبوري

زندگيءَ جون ڪي لاچاريون اهڙيون ٿيندڙيون آهن جو جن مان نيٺ جا ناتا ٽٽندا آهن، انهن جي هر ويرو نزديڪ نه رهي سگهبو آهي. دادو، دل جي قريب هو، قرب هو، پيار هو، دوستي هئي، ناهه هو، پرچهه هئي اسان ۾، پر دوُري جي مجبوري هئي! پر اُن دوُريءَ جي دوُر ڪرڻ جو رستو جو هو!!

خط - ۱

ڪلڪتو

۷۳-۲-۲٦

پياري رينا، سدا گهوٽ ٻارن سوڌي خوش آباد هجين.

تنهنجو خط پهتو، پڙهي حال احوال معلوم ٿيو ۽ ڏاڍي خوشي ٿي توهان نئون بنگلو ورتو آهي ۽ هيل تائين Renovete ڪري وڃي اُتي رهيا هوندا. اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيس. مان هن پيري بمبئي ايندس ته ضرور تو وٽ ايندس ۽ تنهنجي نئين بنگلي ۾ توکي گڏبس، رامي تورا ڏينهن هتي آئي هئي ۽ مون وٽ به ٻه ٽي پيرا گڏجڻ آئي، بلڪل خوش هئي، هاڻي بمبئي ۾ به بلڪل ٺيڪ هوندي ۽ تو وٽ به ضرور ايندي. ڪملو به ضرور تو وٽ آيو هوندو. راميءَ مان خبر پيم ته تو Social work هاڻي ڇڏي ڏنو آهي، سو ڇو؟ اها ته تو لاءِ سٺي وندر هئي ۽ سنڌي جاتيءَ جي شيوا به ڪندي هئينءَ، سو ڇو ڇڏي ڏنءِ؟

...... مان به مڙيوئي ٺيڪ پيو گذاريان جيتوڻيڪ پيٽ جي تڪليف نٿي لهي، بس ائين ئي شڪر ڪري باقي رهيل زندگي گذارڻي آهي - خاص تڪليف ڪانه اٿم، پڳوان جي مهربانيءَ سان.

نہ رڳو سنڌس لاءِ آنند وارا هئا پر منهنجي لاءِ پڻ خوشيءَ
وارا ۽ پيارا ثابت ٿيا. مون کي خاطري آهي تہ هنجي ويڇهو
رهـيءَ مان گهڻو ڪجهہ سکيس. ٿل سنڌس ٺوبين سان، مان
پاڻ کي، پنهنجي جيون کي بهتر بڻائي سگهان.

آهي. منهنجا Congratulations ڏجانس ۽ پاڪر پائجانس. پوپٽي ۽ پار بلڪل ٺيڪ آهن. ڪڪيون ٻئي وڏيون ٿي ويون آهن. انجلي ته تنهنجي لليتا وانگر ڊگهي ٿي وئي آهي ۽ پڙهڻ ۾ به لليتا وانگر هوشيار آهي ۽ پيانو به سکندي آهي پر لليتا جهڙي هوشيار ڪانهي. تون اڄا Social Work ڪرڻ ۾ مشغول آهين سو ٻڌي خوشي ٿي. توهان جو بنگلو هاڻي تيار ٿي ويو هوندو ۽ وڃي وينا هوندا. ڪمپائونڊ ۾ بغيچو ۽ گل ڦل به هوندا ۽ توکي آنند ملندو هوندو.

خط - ٣

ڪلڪتو

١٤-٣-٧٧

پياري ريتا، مان ٽن چئن مهنن کان پنهنجن ٻن نون ڪتابن ڇپائڻ ۾ ڏاڍو مشغول رهيو آهيان. جهونين مخزنن مان پنهنجا ايڪ ڳولهي ڦولهي ڪڍيا اٿم. جيڪو ڏکيو ڪم مون کان پوءِ ڪوبه ڪونه ڪري ها ۽ منهنجي حياتيءَ جي محنت گم ٿي وڃي ها. تنهنڪري پاڻ کي تندرستيءَ ۾ بهتر سمجهيم ته اهو ضروري ڪم ڪرڻ لڳس. هاڻي اهو matter ڪنو ڪري ڇپائڻ لاءِ موڪليو اٿم ۽ ڪجهه واندڪائي مليءَ اٿم ۽ توکي هيءُ خط ويٺو لکان.

ريتا، اڳيون خط تو اهڙو سٺو لکيو هو جو مون به اهو سانڍي رکيو آهي. منهنجي ناٽڪيءَ بابت رايو ۽ خاص ڪري منهنجن ڪوتائن "جوانيءَ جا جذبا..." بابت رايا ڏاڍا پورا ۽ سمجهه ڀريا ڏنا اٿيئي. توکي چڱي Literary taste آهي جو جو تون پاڻ به ڪنهن وقت سنڌيءَ ۾ ڪهاڻيون لکندي هئينءَ ۽ سٺيون هونديون هيون. تنهنجو رايو ته منهنجون ڪوتائون مردن کي دلچسپ لڳنديون جو ته اُهي ذالن جي سونهن وڏيڪ

ريتا، تو مونکي ٻه جهونا انگلش ڪتاب موڪليا هئا جي پڙهي ڏاڍو مزو آيو هوم. ٻه ٻيا جهونا ڪتاب منهنجا گم ٿي ويا آهن ۽ پڙهڻ تي دل اٿم، پڙهڻ کانسواءِ نه مونکي ٻي ڪا وندر ڪانهي. اهي ڪتاب جيڪر وشنوءَ کي چئين نه مونکي ولايت مان گهرائي موڪلي ته ڏاڍو خوش ٿيندس. اُهي آهن:

1) Dark Flower – by Galasworthy
2) Secret Gift – by H. Wadpole

مان توکي اڪثر ياد ڪندو آهيان ۽ پهلوءَ کان تنهنجي خبر چار وٺندو آهيان. وشنوءَ ۽ ٻارن ٻنهي کي منهنجا گهڻا پيار ڏج هاڻي ته وڏا ٿي ويا هوندا. پچاڙيءَ ۾ تو لاءِ ٻه گهڻا گهڻا پاڪر ۽ پيار، راميءَ کي منهنجا پيار موڪلج. تنهنجو دادا

سچنوءَ کي خط لکيو اٿم پر جواب اڃا ڪونه ڏنو اٿس.

خط - ۲

ڪلڪتو
۷۳-۴-۹

تنهنجو خط گهڻن ڏينهن کان پهتل آهي. سڀ حال احوال مليل آهي پر جواب ڏيڻ ۾ دير ڪئي اٿم جنهن جو سستيءَ کانسواءِ ٻيو ڪو سبب ڪونهي. وڏيءَ عمر ۾ ڪجهه ٻه اکر ٻرو ٿو لڳيم. اخبارن لاءِ اڳي ليک لکندو هوس، سي به نٿو لکي سگهان، خط لکڻ به پيو Postpone ڪريان. اهڙي ڪا ڪني عادت پئجي ويئي اٿم، باقي سڄو وقت جيڪو جاڳان پيو سو پڙهان پيو، پڙهڻ ۾ تڪليف ڪانه ٿي ٿئيم، بلڪ مزو پيو اچيم، سو پڙهڻ کانسواءِ مان جيڪر جيئرو نه رهي سگهان. وري لليتا جو فوٽو موڪليئه سو به ڏسي ڏاڍو خوش ٿيس ته پنهنجي سڪول جي ڪلب جي President آهي ۽ Organisation لاءِ سرٽيفڪيٽ مليو اٿس. اها ته ڏاڍي خوشخبري آهي جو لليتا تو وانگر Social work ننڍي هوندي ئي شروع ڪري ڇڏيو

مهجوءِ مون کي بنگلور مان ڪو خط ڪونہ لکيو آهي - پوني ۾ مون خط لکيو مانس، انجو بہ جواب ڪونہ ڏنو اٿس - انجام ڪيو هئائين تہ هاڻي مان توهان کي خط لکڻ ۾ دير ڪانہ ڪندس، اهو وسري ويو اٿس، ياد ڏيارجانس. وڌيڪ سڀني لاءِ پيارن مان.

تنهنجو: دادو.

ڪلڪتو

خط - ٤

٥-٩-٧٦

اميءَ جي ديهانت تي داديءَ جو وڏي ڀاءُ هيروءَ ڏانهن لکيل خط

(انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل)

منهنجا پيارا هيرو،

اُهو ٻڌي تہ پياري رامي پڻ اسان کي ڇڏي ويئي هلي، دل کي بيحد ڌڪو رسيو آهي - پهرين پنهنجي ننڍڙي ڀاءُ ۽ پوءِ ننڍڙي ڀيڻ جي چالاڻي دل کي اُداس ۽ اَڪيلو بڻائي ڇڏيو آهي، جڏهين ڪ مان اڃا تائين ٻڍاپي سان وڙهي رهيو آهيان!

مون سدائين راميءَ کي هڪ آدرش پتني ۽ آدرش ماتا ڪري ليکيو هو. ڪيڏو پيار ڏنائين اسان سڀني کي! هن کي هن وقت مان مادرن سيتا جي روپ ۾ ڏسي رهيو آهيان، جنهن جو درشن پائڻ اڄ جي جيون ۾ درلڀ آهي.

اڃا تنهن ڏينهن تہ سندس پيار ڀريو خط مون کي مليو هو. انجو جواب مون مموءَ وٽ بمبئي جي ائڊريس تي موڪليو آهي. بيحد ڏک جي ڳالهہ آهي جو ڪيس اوچتو دل جو دورو پيو ۽ بمبئي تائين بہ پهچي نہ سگهي. مرڳو ئي توهان سڀني کي پوني وڃڻو پيو! توهان پيارن جان نثار ٻارن کي، توهان جي

پسند ڪندا آهن، پر زالون پنهنجي سونهن اهڙي طرح ڏسي نه سگهنديون آهن - سُو ڪجهه قدر برابر آهي (انهي حساب سان زالن کي وري مردن ۾ سونهن ڏسڻ ۾ ايندي هوندي) پر منهنجي خيال ۾ اهڙيون زالون ٿوريون آهن؛ نه ته زالن کي پنهنجي سونهن جو به گهڻو خيال ٿيندو آهي ۽ اُنهي لاءِ فخر سمجهنديون آهن - تو لکيو ته مان به Bathing suit پائيندي آهيان پر مونکي اهڙا خيال ڪونه ايندا آهن - اهو خيال ٿورين زالن سان لاڳو آهي - پر هڪ ڳالهه جي خاطري ڪج ته مونکي زال ذات ايشور جي خلقيل هن دنيا ۾ سهڻي ۾ سهڻي چيز لڳندي آهي ۽ مونکي ان سونهن لاءِ ڪشش ۽ نفساني Sexual خيال ڪونه ايندا آهن پر بيحد خوشي ۽ آنند ملندو آهي. ڪتاب جو مهاڳ چڱيءَ طرح سان پڙهي ڏسندينءَ ته مونکي اها سونهن جمالياتي (aesthetic) ڏسڻ ۾ ايندي آهي، نه واسنا پوري ڪرڻ ڪام سان ماڻهو ڏسندا آهن. اُميد ته اها ڳالهه منهنجن ڪوتائن مان تون سمجهي سگهندينءَ.

للِيتا جو فوٽو ۽ آرٽيڪل Eve's Weekly ۾ ڏسي مان بيحد خوش ٿيس. فوٽي مان ته مون للِيتا کي سڃاتو ئي ڪون. تما گهڻو بدلجي ويئي آهي ۽ ڏاڍي سهڻي ٿي پيئي آهي. وري جو Fun n Frolic ڪلب پنهنجي گهر ۾ کڏي اُتس ۽ ڪيترين ڇوڪرين کي ناچ ۽ ڳائي ۾ سکيا ڏيئي رهي آهي، تنهن ته مون کي فخر پيو ٿئي - مون کي ته خبر ئي ڪانه هئي راڳ ۽ ناچ ۾ للِيتا اهڙي هوشيار ٿي ويئي آهي ۽ اهڙو ڪم ڪري رهي آهي. منهنجون گهڻيون مبارڪون ڏجانس منهنجا وڏا وڏا پاڪر پائجانس ته اڃا وڌي ويجهي ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ جو نالو روشن ڪري. ريتا تون به ته سوشل سيڪريٽري هئين ۽ اُميد ته اهو ڪم اڃا ڪندي هوندينءَ

هاڻي، رينا تون منهنجو هڪ ڪم ڪر- منهنجو موڪليل ايڪانڪي ناٽڪن مان توکي نظارا وڻيا آهن سو ڏاڍي خوش ٿيس. پر تو لکيو آهي ته گهڻيون ڳالهيون دل ۾ اٿم جي روبرو ٻڌائيندس. اهو سستيءَ جو بهانو ٿو لڳي. الائي ڪڏهن گڏجون ۽ تون ٻڌائين! تيستري ۾ مان انتظار ۾ آهيان. تنهنڪري مهرباني ڪري پنهنجا رايا ٿورين سٽن ۾ ئي مون کي لکي ٻڌاءِ مکيه رايا مختصر طور هڪ ٻن پئرائن ۾ مونکي ضرور لکي موڪل ته دلجاءِ ٿئيم. خاص ڪري پهرين ٽن ايڪانڪين جي سلسلي بابت پنهنجا تاثر کولي ٻڌاءِ. اُميد ته اها منهنجي خواهش ضرور پوري ڪندينءَ.

پيارن مان،

تنهنجو دادو

خط - ٦

ڪلڪتو

۷-۴-۱۹۸۰

پياري رينا،

شل سڀدي سوڌي خوش آباد هجين

تنهنجو لمبو خط پڙهي ڏاڍو خوش ٿيو هوس ۽ برابر جواب ڏيڻ ۾ وڏي دير وڌي اٿم پر انجو سبب مکيه اهو هو جو پنهنجي آخرين ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ رڌلي پوڻ سبب دير پئجي ويئي آهي، جنهن ڪري ڪيترن دوستن کي جي اهو ڇپائي رهيا آهن گهڻا خط لکڻا پوندا هئا ۽ مِن تمام منجهيل هو. اڃا اُنهن وٽان جواب نٿو اچي ته آخر ڪڏهن ڪتاب شايع ڪندا. تو لکيو ته تو مراٺيءَ تان رامائڻ لکڻ جو فيصلو ڪيو آهي تنهن ڪري ترسيل هوس ته تنهنجا ڪي وڌيڪ گيت اچن ته پوءِ لکان ۽ رايو ڏيان. هاڻي تو لکيو آهي ته ويهه

محروميءَ ۽ شوڪ تي ڍءُ ڏيڻ واسطي، مون وٽ شبد ئي ناهن، چاڪاڻ ته مونکي پاڻ راميءَ جي ديهانت تي دلاسي ۽ آٿت جي گهرج آهي. پياري شيلا جي منهنجي پاران دل ونجاءِ ڪيومي ته ڇوڄ وڃاڻ راميءَ سان گڏجڻ خاطر لعبن مان آئي ۽ اڇي سندس انتم درشن ڪيائين! ريتا، منجو مئو ۽ ڪملوءَ کي منهنجا پيار ڏجو.

شل پياري ڀينريءَ کي ايشور جي گود ۾ آرام ۽ شانتي ملي اهائي منهنجي انتم پرارٿنا آهي راميءَ لاءِ.

توهان سڀني لاءِ گهڻا گهڻا پيار ۽ آشيرواد.

توهانجو، دادو.

خط - ۵

ڪلڪتو

۲۷-۳-۱۹۸۰

پياري ريتا،

سدا سڀني سوڌي خوش آباد هجين،

تنهنجو خط پڙهي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان جو تنهنجي اندر ڀڄن ۽ گيتن لاءِ چاهه پيدا ٿيو آهي ۽ اُهي سنڌيءَ ۾ انواد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿيئي. مراٺي رامائڻ تان شروع وارو ڀڄن موڪليو اٿيئي سو مون کي چڱو لڳو. مان توسان شامل راءِ آهيان ته هندو ڌرمي ڪتابن ۾ اُردو اکر نٿا ٺهڪن ۽ هندي اکر وجهڻ کپن.

منهنجي صلاح اٿيئي ته جيڪو گيتانجليءَ جو انواد مون توکي موڪلو آهي اهو سمورو هندي ڇندن تي ٻڌل آهي، اُنهيءَ مان جيڪي ننڍين سٽن وارين ڪوتائن آهن سي تون ڌيان سان ڇندن ۾ پڙهڻ جي ڪوشش ڪر ته ڪجهه ڄاڻ توکي پئجي ويندي.

• جڏهن مان دادا وٽ هئس

۱۰ جولاء ۱۹۸۳

اَڄ مان ٽيهن سالن کان پوءِ بس ۾ چڙهي هئس.

مهين بعد مامي ۽ ماميءَ سان ملاقات ٿي هئي سو گپ شپ، گپ شپ ۾ وقت الائي ڪيئن گذري ويو. جان ڪٽي واچ ۾ نهاريان ته "مار، ستَ لڳي ويا!" دريءَ کان ٻاهر نهاريان - اوندهه ئي اوندهه! تڪڙ ۾ پوس ڪنيم ۽ سڀني کان موڪلايم - لمبو فاصلو جو طئه ڪرڻو هوم - واردن روڊ کان ڪار تائين - مامي صلاح ڏني ته هن وقت ٽئڪسيءَ ۾ وڃڻ بدران ٻامبي جي B. E. S. T. ۾ سفر ڪرڻ بهتر هو - در تي اَماڻڻ مهل منهنجي مامي چڱيءَ طرح هدايتون ڏنيون - ڪهڙي بس اِسٽاپ تان چڙهڻو آهي ۽ ڪهڙي تي لهڻو آهي ۽ بس - ڪنڊڪٽر کي ڇا چوڻو آهي، وغيره وغيره!

مان خوشيءَ سان ماڻهن کان پڇندي پڇندي، رات جي وقت اڪيلي، بس ۾ سوارڻ ٿيڻ لاءِ تيار ٿيس!

لمبي اِنتظار ۽ ڌڪا ڌوڪيءَ کانپوءِ، جڏهين ڊبل - ڊيڪر جي ونڊو - سيٽ تي ويٺيس ته ... ... جولاء ۽ آگسٽ 1951 جون يادگيريون، ڇوليون وانگر مون کي گهيري ويون، جڏهن دادي منگهي سان گڏ، هفتي ۾ ٻي دفعا، پيڊر روڊ کان ڪولابا ۾ سيون هڻائڻ لاءِ. مان مئٽرڪ جو اِمتحان ڏيئي، لکنو مان ٻامبي آئي هئس پنهنجو علاج ڪرائڻ ۽ ٻه مهنا دادي سان گڏ ڏيهن رات گهاريا هئم.

بس ۾ دادو ۽ مان اِئين ڳالهيون ڪندا هئاسين جڻ ٻئي

ڪن بيت پورا ڪري چڏيا اٿيئي، جن مان ڪي ٿورا مون ڪي پڙهڻ لاءِ موڪلجانءِ. وري خوبچنداڻيءَ ۽ شرما جهڙن عالمن جو سنگ به مليو اٿيئي، جنهن پرپڙا هيٺ ڪي سنا گيت به توجهه ڪري رهي آهين، اها وڏي خوشيءَ جي خبر آهي. خوبچنداڻيءَ سان ته منهنجو جهونو ناتو آهي ۽ شرما سان تازو ناتو. ٻنهي کي منهنجا گهڻا قرب ڏجانءِ ۽ اُنهن سنڌي گيتن مان ڪي ٿورا مونکي موڪلجانءِ

منهنجن ناٽڪن جي باري ۾ تنهنجو رايو مونکي وڻيو ڇو جو تو ۾ critical sense چڱو اچي ويو آهي. جنهن لاءِ مونکي فخر پيو ٿئي ۽ توکي مبارڪون ٿو ڏيان.

سمنڊ جي ڪناري وارو ڪلپڻڪ قدرتي بيان توکي وڻيا آهن، خاص ڪري توکي منهنجي شڌ سنڌي ٻولي پسند پيئي آهي سو پڙهي ڏاڍو خوش ٿيس پر هڪ ڳالهه تو پوري سمجهي ناهي ته ”سمنڊ جي گجگار“ جو theme ڪوڙو ڪلپڪ ناهي. اهو ته صرف هڪ واقعو (گهٽنا) آهي يا برابر ٻين ناولن ۾ آئي هوندي. ناگراڻيءَ جو ناول مون پڙهيو آهي. هو منهنجو شاگرد هوندو هو. پر اهڙو واقعو ان ۾ مونکي ياد نٿو اچي. پر منهنجي ناٽڪ جو theme نه آهي. مائٽن جي زبردستي ۽ ظلم جو وڏن سڏن ٻارن کي پيار ڪرڻ جي آزادي نٿا ڏين ۽ انجو نتيجو اهو ٿو نڪري جو انهنجي جيون ناس ٿيو وڃي ۽ سڀئن چرتر جي گراوٽ ٿي ٿئي. اُميد ته اها سمجهاڻي دل سان لڳندءِ ته theme ٿي مکيه چيز آهي ۽ اُهو ٿي ڳولهڻ کپي ۽ اُن مان ٿي پرائڻ کپي ۽ نه ڪي ٻيا واقعا. وڌيڪ سڪ.

توهان سڀني لاءِ گهڻا گهڻا پيار.

دادا

پلا فيض آباد روڊ کان چار باغ اِسٽيشن تائين مفاصلو گهٽ ته ڪونه هو!

اِسٽيشن تي پهچي، ٻئگون هٿن ۾ کڻي جي ڊڪون پاتيوسين پر... اَڃان پليٽفارم تي پير ڌريو مس هئوسين ته ٽرين کي ڇٽندو ڏٺوسين. پهرين آهستي آهستي ۽ پوءِ پريان ڊوڙون پائيندو به ڏٺوسيس. هٿن ۾ ٻئگون، وات ڦاٽل، ٽرين ڏانهن لاچاريءَ وچان نهاريندا رهياسين-

جوانيءَ جي ٽهيءَ ۾، مهڻ جي سپڻ تي ائين پاٽي ڦرندو ڏسي، دل جي حالت ڇا ٿي هوندي؟ ڪيترا ڏينهن ننڊ ۾ به اِئين ئي ٽرين کي اُبتي طرف، سيٽيون وڄائيندي، دونهون ڇڏيندي ڏسندي هئس-

وري ٻاهپي وڃڻ جو پروگرام جون جي پڇاڙيءَ ۾ ڏيڍ مهني ڪانپوءِ بيٺو. اُن وچ واري وٿيءَ سان سپڻي کي تپ ٿيا ۽ ڪنهن به نموني پروگرام بيٺو ئي نٿي. نيٺ اهو سڀاڳو ڏينهن به آيو جڏهن ٽرين ۾ ويٺاسين ۽ اِنجڻ سيٽي هڻي ڇٽي.

ٻئي ڏينهن سانجهن جو اٽڪل ڇئين بجي، مان ۽ هيرو جڏهن ٻئگون هٿن ۾ کڻي- پيڊر روڊ جي ڄڻ هند ڪاليج هاسٽل جي بنگلي جي ڏاڪڻ چڙهي رهيا هئاسين ته دادو اسانکي اڌ ڏاڪڻ تي لهندو گڏيو.

منهنجي ملاقات دادي سان ڇهن سالن ڪانپوءِ ٿي رهي هئي. ان وچ منهنجي ڊيگهه ۽ بيهڪ ۾ نئون نکار آيو هو. تيرهن سالن جي ٻالڪا ۽ سترهن ورهين جي ڇوڪريءَ ۾ فرق ته ضرور آيو ئي هوندو! جڏهين هيروءَ کي ڏٺائين ته عجب وچان مون ڏانهن نهاري، اکيون مچ مچ ڪري (اِها اکين کي مچڪائڻ واري عادت، مون هيل تائين دادي کانسواءِ ٻئي

ساڳي عمر جا هئاسين يا هوءَ هو سترهن سالن جو يا وري
٥٥ سالن جي! بس ڳالهين ۾ بس جو سفر ڪيئن نبريو ويند
هو، اصل خبر ئي ڪانه پوندي هئي - جـي مان دادي جي
ساڄي پاسي ويهندي هئس تـه اُتاري ڏائي پاسي ويهڻ لا
چوندو هو.

”بلي منهنجو ساڄو ڪن گهٽ ٻـڌي ٿـو، تنهن ڪري ڪاٻي
پاسي کان ويهه تـه تنهنجون ڳالهيون ٻڌي سگهان.“

ٻٽيهن سالن جون يادگيريون وري تازيون ٿي آيون.

١٩٤٨ جي اِتهاسڪ سمي، اسين حيدرآباد مان لڏ
وياسين ۽ دادو ڪراچيءَ مان بامبـي. ١٩٤٧ کان ١٩٥١ تائي
منهنجي دادي سان ملاقات ڪانه ٿي هئي حالانڪ خط و ڪتابت
جاري هئي. منهنجون ڪي هندي تان سنڌيءَ ۾ انواد ٿيا
ڪهاڻيون هڪ اصلوڪـي آڪاڻـي، دادا سنڌي اخبارن
ڇپارايون هيون- مونکي خط رستي هميشه لکڻ لاءِ همٿائيند
رهندو هو. منهنجي اميءَ کي لکندو ۽ لکي موڪليائين، ”بلـ
کي بمبئي ڏياري موڪل تـه مان سندس عـلاج پنهنجي ڊاڪٽ
کان ڪرايان.“ مونکي تيرهن سالن جي عمر کان سال ۾ ٻه دفع
دم جي تڪليف ٿيندي هئي- هو خط ۾ ور ور لکندو هو
هن عمر ۾ اها تڪليف ٿيڻ نـه گهرجي ۽ جلدي اُن جو علا
ڪرائڻ گهرجي. خير، نيٺ اهو فيصلو ٿيو تـه ميٽرڪ جو اِمتحا
ڏيئي مان بامبي وينديس.

مئي جو مهنو- صبوح جا ڇهه لڳا آهن- رڪشا وارو ٽڪ
ٽڪرو پيو رڪشا-سائيڪل هلائي. مان ۽ منهنجو پاءُ هيرو ٻهڙ
گهڙيءَ پيا واڃ کي ڏسون. ٽـراين ڇٽڻ ۾ باقي پنجن منٽن جي
دير آهي.

”تيز چلو رڪشا والي، اور تيز چلو!“

ڪڏهين ڪڏهين ڪنهن ڪهاڻي يا ناول تي بحث به ڪندا هئاسين - مونکان پاڻ منهنجو رايو پڇندو هو ۽ ٻڌائيندي هئيسانس ته ڌيان سان ٻڌندو هو. اهڙي نموني مونکي پنهنجا ويچار اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏيندو هو. اهڙيون ئي ڳالهيون ڪڏهين ڪڏهين بس ۾ به ٿينديون هيون.

هڪ سوا بجي، دادا شيو ڪرڻ لاءِ اُٿندو هو ۽ پوءِ ويندو هو سنان تي - سائي سائي مارگو سوپ جي سڳنڌ سان مهڪندو، ٻي بجي لنچ جي ميز تي اچي ويهندو هو ۽ ٻئي ميس مان آيل ماني کائيندا هئاسين. (داديءَ جي ڏيءُ مٺا آفيس ۾ ڪم ڪندي هئي ۽ پٽ اِندرو به سڄو ڏينهن آفيس ۾ ويندو هو - سندر ان وقت آمريڪا ۾ هو)

ماني کائڻ کانپوءِ سمهندا هئاسين.

هفتي جا ٻي ڏينهن سانجهه جو ڪولابا ڊاڪٽر وٽ وڃڻو پوندو هو. اُهي ڏينهن دادو ڏوُنداڙي مونکي ننڊ مان اُٿاريندو هو، تڏهين وڃي تيار ٿي چانهه پي پنجين بجي نڪري سگهندا هئاسين. اُنهن ٻن ڏينهن تي، سڄي هٽائڻ کانپوءِ، ڪنهن ريسٽارنٽ ۾ سنيڪس کائڻ ۽ چانهه پيئڻ کانپوءِ، هتي هتي گهمي ٽائيم پاس ڪندا هئاسين. هفتي جي باقي ٻئيل ڏينهن تي، به يا ٽي پڪچرس ضرور ڏسندا هئاسين پڪچر ڏسڻ کانپوءِ، چڱي طرح انهن پڪچرن جو جائزو وٺندا هئاسين ۽ تنقيد پڻ ڪندا هئاسين - ڪنهن به حالت ۾، هفتي جا ست ئي ڏينهن شام جو ڪنهن ريسٽارنٽ يا ڪنهن ايراني هوٽل ۾ چڪر ضرور ڪبو هو.

هڪڙي ڏينهن شام جو گهمندي گهمندي ميٽرو سينما هال تي هلندڙ پڪچر Pagan Love Song جو بورڊ ڏٺوسين - اُهو ته هڪ انگريزي راڳ جو ٽائيٽل هو جيڪو منهنجو دادا ڳائيندو

ڪنهن موڊ ۾ ڪانهه ڏني آهي. جيئن اڳين زماني جون ايپمبتريون، نائڪن کي ڦاسائڻ لاءِ، نخري سان اکيون ڦڙ ڦڙ ڪنديون هيون بس اهو ئي انداز!) چوڻ لڳو،

”اڙي ريتا! مون کي اعتبار ئي نٿو اچي! مون تہ پريان توهان کي ڏسي سمجهيو تہ ڪو هاسٽل جو ڇوڪرو پنهنجي گرل- فرينڊ کي وٺي پنهنجي روم ۾ پيو وڃي.“

اِهو جون جي پڇاڙي کان آگسٽ جي پڇاڙيءَ تائين، ٻن مهينن جو سمو، مون هر وقت دادي سان گڏ گهاريو- سمهندا ساڳئي ڪمري ۾ هئاسين، کائيندا گڏ هئاسين تہ گهمندا بہ گڏ هئاسين. رڳو صبوح جا ڪي ڪلاڪ دادو ڪاليج ويندو هو- منهنجي اُٿڻ کان، اڳ ئي هليو ويندو هو ۽ يارهين ٻجي تائين موٽي ايندو هو. اچڻ سان هاسٽل مان چانهہ گهرائــي، چانهہ پيئندا هئاسين - ميس جو رنڌڻو اسان جي بہ ماڙ واري بيڊروم جي دريءَ جي هيٺان هوندو هو - اُتان بيهي نوڪر کي وڏي واڪي سڏ ڪرڻو پوندو هو :

”پٽرو پرساد!“

اول اول تہ منهنجي وات مان واڪو نڪرندو ئي ڪونہ هو، پر دادي سيکاريو تہ لڄ لاهي، ڪيئن گلو ڦاڙڻ کپي - ڪري ڪري نيٺ سگهي ويس ڇو جو ڏينهن ۾ ٻہ چار دفعا ضرور پٽيئي کي سڏڻو پوندو هو.

چانهہ پيئڻ کان پوءِ دادا ڪجهہ ٻما ڪيي لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪندو هو - مان سنڌي لائبريريءَ مان، سنڌي ئي چونڊيل ڪتاب وٺي پڙهندي هئس يا ٻيو ڪو ڪم ڪندي هئس - وچ ۾ ڳالهائيندا بہ هئاسين. مون کي اُن وقت جي سنڌي ساهتيہ جي باري ۾ ڄاڻڪاري ڏيندو هو - ترقي پسند ساهتيہ ڇا آهي، اُن جو مقصد ڪهڙو آهي، وغيره وغيره -

منهنجي اُتي رهڻ جي پندرهن ڏهاڙن کانپوءِ، دادي هڪ موڪل جي ڏينهن، فوٽن جي هڪڙي وڏي ٽرنڪ کولي، جنهن ۾ اَٿاهه فوٽا ۽ فوٽن جا آلبم پڻ هئا- پوءِ ته اسان کي ڳالهائڻ ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ هڪ اڪت خزانو هٿ اچي ويو- منهنجي پڙڏاڏي، پڙڏاڏيءَ (سندس ڏاڏي ۽ ڏاڏيءَ) منهنجي ڏاڏي، ڏاڏيءَ (سندس پيءُ ۽ ماءُ) منهنجي پڦي (سندس ڀيڻ) منهنجي پيءُ، ماءُ (سندس ڀاءُ، ڀاڄائي) ۽ ٻين جا اڪيچار فوٽا ١٨٩٠ کانوٺي، ڪي آلبمن ۾ ته ڪي ڇڙل، جيڪي پاسن کان پکڙجي ويا.

هن وقت خيال ڪندي ٿهرس ٿو ٿئي دادي جي صبر لئي جنهن سترهين سالي جي نينگريءَ لاءِ ويهي ايترو پاڻ پتوڙيو ڪيڏو نه وقت ڏنئي، پنهنجي فئمليءَ جي اِتهاس کوجڻ جي رچي منهنجي من ۾ اُٿپن ڪيائين، تصويرن جا بي بها خزانا صندوق جي تري مان ڪڍي نوان آلبم ٺاهي، مونکي سوکڙيءَ طور ڏنائين!

ڪن فوٽن جا نگيٽيوز (Negatives) ڪونه هئا ۽ انهيءَ جي رڳو هڪ ڪاپي هئي. انهن فوٽن کي مون به رکڻ ٿي چاهيو ۽ دادي به. انهن ڪاپين جا نگيٽيوز ۽ پوءِ وري پازيٽوز ٺهرائي، مونکي منهنجي آلبم لاءِ ڏيندو ويو. ڪولابا وڃڻ واري ڏينهن، اَسين فوٽوگرافيءَ جا ڪم پاڻ سان کڻي نڪرندا هئاسين ۽ اُتي ڪولابا ۾ ”هيرو اِسٽوڊيو“ ۾ پازيٽو مان نگيٽوز ۽ نگيٽوز مان پازيٽوز ٺهرائڻ لاءِ ڏئي ايندا هئاسين.

سڀني کي خبر آهي ته فوٽوگرافي هڪ مهانگي هابي آهي. ڪيترن فوٽن ٺهرائڻ کانپوءِ به، ڪي اَهڙا فوٽا رهجي ويا، جن کي مون رکڻ ٿي چاهيو ۽ دادي به. اُنهن کي پاڻ کان جدا ڪرڻ نٿي چاهيو. ڪاپي هوندي هئي هڪ - مان چوندي هئس، ”مان کڻان.“

هو ۽ جيڪو هن دادي کي سيکاريو هو ۽ مون کي به، سو بس ٽڪيٽ وٺي وڃي ويٺاسين انگريزي پڪچر ڏسڻ.

اها هڪ ميوزيڪل، قدرتي نظارن واري پڪچر هئي جنهن ۾ آڪاٽيءَ سان گڏ قدرتي نظارا، سمنڊ جون ڇوليون، ترڻ جون ڳالهيون وڌيڪ هيون - هيرو هيروئين بيدنگ سوٽ (Bathing Suit) ۾ ڪڏهين اڪيلي ته ڪڏهين هيرو سان سومنگ ڪندي راڳ ٻئي ڳايا. جڏهن اسانجو راڳ آيو :

Come with me where moon-beams
Light ahiesian skies
And the star-lit water
Lingering your eyes
Native hills are calling
To them we belong
And we'shall cheer each other
With the pagan Love Song

دادا موج ۾ اچي هيروئن سان گڏ ڳائڻ شروع ڪيو. ماڻهن ۾ توري چرٻر ٿي ۽ سڀني جا مٿا اسان ڏانهن ڦريا ۽ پوءِ سڀ شانت ٿي ويا - دل ته منهنجي به ٿي ته مان به دادي کي وناپان ۾ ڀاڻ کي روڪي ورتم.

اَسان جي من پسند جڳهه هئي ملابار هل تي نهيل سڙڪ بار - جتان ويهي چوپاٽي ۽ مرين ڊرائيو تي بجليءَ جي بتين جي برندڙ هار جي سونهن ڏسي اکيون ۽ من ٺاريندا هئاسين.

ڪيترا دفعا هئنگنگ گارڊن جي ڏنگن ڦلن، هيٺاهن مٿاهن پيچرن تان پند ڪندي ڳالهين ۾ کوهجي ويندا هئاسين - سچ پچ ته پرڪرتيءَ سان برابر ڪرڻ جو ڀاءُ منهنجي هرڏي ۾ دادي ئي وڌو هو شايد.

ڪونه هئاسين.

(دادي جي ديهانت کان ڪجهه وقت اڳ مارچ ١٩٨٠ ۾ مون دادي کي ڪلڪتي ۾ خط لکي، مئنڊولن سان دادي گڏيءَ وارو فوٽو ڳولهي مونکي موڪلڻ جي اِلتجا ڪئي هئي. جواب ۾ مونکي ٻڌايائين ته سندس سڀئي فوٽن واري ٽرنڪ، ڪلڪتي ڏانهن شفٽنگ جي وقت رستي ۾ گم ٿي وئي هئي ۽ سڀئي امله ملڪيت ڇٽ ٿي وئي هئي. اهي ته جيڪي مون ڪنيا هئا سي رهجي ويا!)

هڪڙي ڏينهن پنهنجي ٽرنڪ مان البم جا ڪي خالي ڇنل ورق ڪڍيائين. اُنهن ۾ پڪچنگ مشين سان ٽنگ ڪري، ڌاڳي سان جوڙيائين- ان ٻنا ڪور واري البم لاءِ هڪ ڪور پنهنجن هٿن سان ٺاهيائين. هڪ سنهڙي دفتري مٿان سائو پنو چنبڪائي، هڪ مخمل مان ڳاڙهي اُٺن واري تصوير ڪٽي، ان سائي ڪور تي چنبڪائي، مهنجي لاءِ هڪ سندر البم ٺاهيائين (اُهو مون وٽ اڃان سانديل آهي) انهن ورقن ۾ فوٽن وجهڻ لاءِ هڪ وڇوٽي رکيل آهي، انهن ۾ تاريخن جي حساب سان جهونا فوٽا، مهنجي ڏاڏي ڪانوڻي وجهڻ شروع ڪيائين- هيٺان پنهنجن هٿن سان انگريزيءَ ۾ سمجهاڻي لکندو ويو.

جي ڪو گروپ فوٽو هو ته سڀني جا نالا تاريخن سوڌا لکندو ويو.

اهو سڀ، ٻنا مهنجي چوڻ جي پنهنجي مرضيءَ سان، پيار وچان پئي ڪيائين.

دادي جي رومانڪ سڀاءُ جي ڪهڙي ڳالهه ڪريان! پنهنجي رومانس جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو ۽ مونکان ٻه پڇندو هو.

”سچ سچ ٻڌاءِ، تنهنجو ڪنهن ڇوڪري سان رستو ته ناهي؟“

”نه دادا! هجي ها ته توهانکي ٻڌايان ها.“

هو چوندو هو، ”مان کٽان.“

هاڻي فيصلو ڪيئن ٿئي؟

پوءِ شروع ٿي ويندو هو، وڪيلن وانگيان واد وواد!

مثال - طور:-

فوٽو آهي منهنجي ڦُڦي - دادي گڏيءَ جو جا صوفا تي ويهي[…] مڪعبولن وجائي رهي آهي. پٺيان شيشي جو ڪٻٽ آهي[…] جنهن ۾ ڪتاب پيا آهن - جڳهه - حيدرآباد سنڌ -

مان، ”هيءَ منهنجي ڦُڦي آهي.“

دادو، ”هيءَ منهنجي ڀيڻ آهي.“

هڪ پائينٽ دادي کي ملي.

مان، ”هيءَ اسانجو گهر آهي.“

دادو، ”هيءُ منهنجي پاءُ جو گهر آهي.“

هڪ پائينٽ مونکي ملي.

مان، ”هنجي هٿ ۾ مڪعبولن آهي، جو منهنجي پيءُ ج[…] آهي.“

دادو، ”هنجي هٿ ۾ مڪعبولن آهي جو منهنجي پاءُ ج[…] آهي، پر جنهن وقت هن اهو ورتو هو ڪيس پئسا مون ڏنا هئا[…]

هڪ پائنٽ دادي کي ملي.

مان، ”جنهن صوفا تي هوءَ ويٺي آهي، منهنجي دادا ج[…] آهي.“

دادو، ”جيڪو شيشي جو ڪٻٽ پٺيان نظر اچي رهيو[…] آهي سو محنت ڪري مون ٺهرايو هو ۽ جيڪي ڪتاب شيشي[…] مان ڏسڻ اچن پيا اهي سڀ منهنجا آهن.“

پائينٽ دادا کي ملي.

اهو ڪيس دادي کٽيو ۽ فوٽو دادي کي مليو.

اهڙيءَ طرح بحث مباحثا ڪندا هئاسين پر وڌيڪ اعل[…]

پيو ڪٿ ڪري! مان سمجهي نه پيو سگهان ته من ۾ ڇوان ڇا مونکي ڪس ڪرڻ نه پيئي اچي؟"

"پر پوءِ موتيءَ ٻڌايو يار، مون نه توکي مزو وٺائڻ لاءِ سڀن پٽي ڪٿ ڪئي. تو منهنجي ڳالهه ئي نه پٽي سمجهي!"

هڪڙي دفعي ڊيگهه جي ڳالهه نڪتي ته ڇوڻ لڳو، "ڇوڪري هڻڻ گهرجي اهڙي، جا ڇوڪري جي ڪلهي کان هيٺ هجي جا آرام سان ڇوڪري جي ڇاتيءَ تي مٿو رکي سگهي."

ڪڏهين ڪنهن پڪچر جي آڪاٽيءَ ۾، يا ڪنهن ڪتاب جي جوان ڪردار کي ٻڍي ماءُ پيءُ يا جهوني پيڙهيءَ خاطر، پنهنجي پريم جو بليدان ڏيندو ڏسندو هو ته ڪاوڙ ۾ اچي ويندو هو،

"اهي اڳئين زماني واريون (Old Fashioned) ڳالهيون مونکي نٿيون وڻن. ٻڍا پنهنجون حياتيون ڪپائي آيا، گهڻو وقت جيئندا؟ مان پڇان ٿو پنهنجي سوارٿ لاءِ جوان ٻارن جون زندگيون ڇو ٿا تباهه ڪن! جوانن کي به اهڙو فرمانبردار نه ٿيڻ گهرجي."

اهڙا هئا اسان جي ٥٥ ورهين واري دادي جا ١٩٥١ ۾ وچار!

تڏهن کان وٺي مونکي اها پروڙ پيئي آهي ته انسان عمر وٺڻ سان ٻڍو ڪونه ٿيندو آهي، انسان ٻڍو ٿيندو آهي پنهنجي دل جي جذبن سان، پنهنجي خيالن سان. تڏهن ته مون دادي کي جوان ۽ جوانن کي ٻڍو ڀاتو آهي!

هڪڙيءَ شام، موهن ڊرائيو تي پنڌ ڪندي مونکان پڇيائين، "تون مونکي ٻڌاءِ، تو اهڙي ڪا ڇوڪري ڏٺي آهي، جنهن کي صحيح معنيٰ ۾ تون خوبصورت چئي سگهين؟"

مون جواب ڏنو مانس، "ها، اسان جي لکنو جي مسلم گرلس اسڪول ۾ رامپور جي نواب جي ڌيءَ پڙهندي آهي ۽ هاسٽل

"ڀلا، ڪنهن کي پيار ڪندي آهين؟"

"نه، دادا."

"ڇو ڀلا، تنهنجو ڪنهن سان پيار ڪونهي، پر ڪن ڇوڪر
جو ته تو سان پيار هوندو! گهڻا ڇوڪرا تنهنجي پٺيان پوند
آهن؟ سچ سچ ٻڌائج!"

هڪ ٻه ڇوڪرو جيڪو ٿورو ٿورو پٺيان پوندو هو، اهو قص
ٻڌايومانس.

"بس، ڏيو ايترو؟ نه نه، انکان وڌيڪ ٿيڻ گهرجي."

مڙيئي دادا کي سنتوش ڪونه ٿيو.

مون کي ياد آهي "بزدل" فلم جي هڪ سين. هڪ "
سين" ۾ نمي ۽ پريم ناٿ، هيرو ۽ هيروئن، هڪ ٻئي جي ٻانه
۾ آهن. سين ڪٽ ٿي ٿي وڃي. ڪئميرا ڇوڪريءَ جي پير
ٿي ٿي وڃي، نميءَ جا پير پٽ کان مٿي ٿا کڄي وڃن.

دادا يڪدم پڇيو، "ان ڳالهه جو مطلب سمجهئين؟"

مون ڪنڌ لوڏي ناڪار ڪئي.

"پوءِ ٻڌائيندو سانءِ."

انٽرويل ۾ ٻاهر نڪتاسين ته سمجهايائين، "جڏهن ڇوڪري
جا پير مٿي کڄي وڃن ته سمجهڻ کپي ته ڇوڪري ڇوڪر
کي مٿي کڻي ڪس ڪيو!"

اهڙي نموني سدا ڪنهن حجاب جي مونکي ڳالهيو
سمجهائيندو هو.

ڪنهن ڊنر پارٽيءَ ۾ پنهنجي فلمي زندگيءَ جو دلچس
واقعو وٺي ٻڌايائين. فلم "انسان ۽ شيطان" جو ڊائريڪٽر
موتي گدواڻي دادا جو ڀڻات. ان وقت فلمن ۾ سينسرشپ ج
بندش ايڏو ڪونه هوندو هو. "جدن بائيءَ (نرگس جي ماءُ) س
پنهنجي ڪس ڪرڻ جي سين هئي. ڊائريڪٽر گڏيءَ نهڙي

Circulation لاءِ تمام ضروري آهي."

باميءَ ۾ مٽن مائٽن، ماءُ پيءُ جي ساهيڙين وٽان مونکي خرچيون مليون. هڪ آنٽيءَ مونکي سؤ رپيا ڏنا ۽ پيءَ پنجاهه. انوقت جي سؤ ۽ پنجاهه جو ملهه اڄ جي سؤ ۽ پنجاهه کان وڌيڪ هو، جام شيون سؤ جي نوٽ مان خريد ڪري سگهبيون هيون. مون جيڪا شاپنگ ڪئي اُنجي چُونڊ ۾ به دادي مونکي خوب مدد ڪئي. اونچي ڪُڙي سئنڊل، ڊريس جا ڪپڙا، ڪنن ۾ پائڻ جا دُر وغيره وغيره وٺڻ ۾ دادا ساٿ ڏنو. هڪڙو پائوڊر ڪامپيڪٽ Angel face مون ورتو ۽ دادا چرچي ۾ منهنجو نالو ئي Angel face رکي ڇڏيو.

خرچين جو ته بهانو هو، اڌ پئسا ته ضرور دادي خرچيا هوندا.

هڪڙي ڏينهن پنهنجي ٽيبل لئمپ لاءِ هڪ پارچمينٽ جو شيڊ ورتائين. اهڙو مهانگو به ڪونه هو. راتجو اُهو شيڊ، لئمپ لڳائي، سڀ بتيون وسائي، شيڊ مان ڇڻندڙ روشنيءَ کي تڪيندو رهيو. مان ڪجهه ڪم ڪرڻ لاءِ اندر ويس ۽ اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ واپس آيس ته دادا کي انهيءَ حالت ۾ پاتم. مگر اکين سان هڪ ٽڪ اُن ٻرندڙ شيڊ ڏانهن ويٺي نهاريائين. وات ۾ سگريٽ ۽ اکيون شيڊ ۾ کتل!

منهنجي مک مان ڪل ڇٽي نڪتي-

سونهن اکين جي ڏرڻ ۾، ٻي هنڌ آهي ڪين
من مان اڇي نيڻن ۾، مس، نه ڪن، ٻڌن ٻين

منهنجي من ۾ اهو دڙهه وشواس ٿي پيو آهي ته صحيح ارٿ ۾ زندگي اُهو جيئي ٿو، جيڪو جيون جي خسيس ڳالهين مان آنند وٺي سگهي ٿو. جيڪي ماڻهو رڳو وڏين ڳالهين کي اهميت ڏيئي، ننڍين ڳالهين کي تڇ ٿا سمجهن، اُنهنجو جيون سمجهو ته ويرٿ ويو!

۾ رهندي آهي - ان ڇوڪريءَ کان وڏيڪ سهڻي ڇوڪري مون
هيل تائين ڪانه ڏٺي آهي. ۽ هوءَ ٻڌي ناهي، ان ڪري
بلڪل پرفيڪٽ مان هن کي ٻه ڪانه ڇٽي سگهندي."

"خبر اٿيئي، مان چاليهن سالن کان سونهن جي تلاش
آهيان ۽ سچي سونهن مون اڃا ڪانه لڌي آهي.

هڪڙي چانڊوڪي رات جو هئنگنگ ـ گارڊن جي پٺ تي
ويٺي، مون دادا کي چانڊني رات جا ڪئين گيت ڳائي ٻڌايا

"مار، توکي هيڏن ڳائن جا اکر ياد آهن!"

ڪڏهن ڪڏهن مونکان هندي راڳن جي شبدن جي معنيٰ
پڇندو هو مان ٻڌائيندي هئيسانس - اردو ۽ هندي جا سم-
ارٿ ـ شبد پڻ ٻڌائيندي هئيسانس.

دادا سٺي رهڻي ڪرڻي ۽ سٺي پوشاڪ پائڻ جو شائق ه
۽ اُن سان گڏ هن جو پنهنجو هڪ اسٽائيل هو. نائيٽ سوٽ
جي پائيندو هو لائينن وارو جنهن جو مٿيون پاڳ (ڪرتو) ڪا
ڏائي پاسي کليل هوندو هو، جنهن کي اسين چائنيز ڪالر ٻ
چئي سگهون ٿا ۽ دادا اُن کي ٽڪور اسٽائيل ڪري سڏيند
هو. ٻاهر پائڻ جا ڪپڙا - بند ڪالر وارو ڪوٽ، پتلون
ڪاري ٽوپي. گهر جي سجاوٽ ۾ پارکي - اسٽائيل پسند ڪند
هو. پردا ڪوشش ڪري ٽڪا ڳاڙها سادا انڊين ڊزائن سان،
گهڻا مهانگا، نه گهڻا سستا، استعمال ڪرڻ چاهيندو هو.

صبوح جو ڏندن جي برش ڪرڻ مهل هميشه نم پيسٽ
ڪتب آڻيندو هو ۽ جيئن مون اڳ ٻڌايو آهي، سنان مهل مار
سوپ جو اُپيوگ ڪندو هو.

ڪنگهي ڪرڻ کانپوءِ وارن کي (جي هرو ڀرو گهڻا ڪو
هئس) برش سان پنجاهه دفعا هلڪا هلڪا ٽڪڙا ٽڪڙا trokes
هڻندو هو ۽ سمجهاڻي ڏيئي چوندو هو ته "اهو ڪرڻ رت جو

چورڻ لڳو،

”ڪوڪي (ڪڏهن ڪڏهن اِن نالي سان سڏيندو هو.) تون مونسان ناراض آهين، ڇو جو مون هيروءَ لاءِ ائين لکيو هو؟ پر تون منهنجي ڳالهه ڪانه سمجهندينءَ.“

”ها، مان ڳالهه نٿي سمجهان.“

جيڪا ڳالهه مون ٣٣ سالن ۾ نه سمجهي سا اڄ هي سڀ لکندي لکندي سمجهه ۾ اچي ويئي آهي.

دل ۾ جڳهه هئڻ سان، گهر ۾ جڳهه ٿي پوندي آهي.

دادي جي اُنوقت جي نهنائي ياد ڪري من اڇرج ۾ پئجي ٿو وڃي ۽ دل درد جي احساس سان ڀڄي ٿي پوي.

١٥ آگسٽ ڪانوني مون ”وڃان وڃان“ جي ڌن لڳائڻ شروع ڪئي. مونسان گڏ لکنو وڃڻ لاءِ ساٿيءَ جي ڳولها ٿيڻ لڳي. دادي جي مرضي ڪانه هئي ته مان اڪيلي سفر ڪريان پر جيسين ماڻهو ملي، مون اصل انت ڪري ڇڏي. ايترو ته وٺي رونڻ ڌوئڻ مچايم جو نيٺ دادي ڪي مون اڪيليءَ لاءِ ٽڪيٽ گهرائڻي پيئي.

اُنهن ڏينهن جا سيڪنڊ ڪلاس جا دٻا اڄ جي فرسٽ ڪلاس ڪمپارٽمينٽس کان بهتر هئا. منهنجي وڏي شاهي گاڏي ۾ رکو هڪڙي فاريدر ليڊي هئي. مونکي پئي ڏينهن منجهند جو هڪ ٻجي جهانسيءَ ۾، اُن دهليءَ واري گاڏيءَ مان لهي لکنو واري گاڏيءَ ۾ چڙهڻو هو، يعني ٽرين مٽڻي هئي. بس، اها اُي ڳالهه دادي جي ڳڻتيءَ جو باعث هئي، پر مون دليريءَ منجهان بيپرواه ٿي پئي چيو، ”دادا توهين اونو نه ڪريو، مونکي ڪجهه به ڪونه ٿيندو.“

موڪلائڻ مهل دادا جا اکر مونکي چٽي طرح ياد آهن. منهنجن ڳلن تي پيار وچان ٿپڪيون ڏيندي وري پئي

جڏهن هند ڪاليج هاسٽل واري بنگلي جي گرائونڊ فلور تي
ٿيندڙ ڇنڇر شام وارن ٻن اَدبي ڪلاسن ۾ مون به دادي سان گڏ
شرڪت ورتي هئي. ٻر اُنوقت آيل ليڪڪن جا چهرا اصل ياد
ڪانه اٿم.

هڪڙي رات گهر موٽندي مهل، بس ۾ مون دادا سان لکو
واپس موٽڻ جي ڳالهه ڇيڙي.

”رينا تون واپس گهر نه وڃ. هتي اُسي رهي ٻو ۽ هتي ئي
ٻؤ ۽ هتيئي ڪاليج جائن ڪر.“

مون ٿورو سوچي جواب ڏنو:

”دادا، جڏهن هيروءَ (منهنجي ياءُ) ساڳي مرضيءَ جو اظها
ڪيو هو ته هوُ بامبي اچي پڙهي ۽ توهان وٽ رهي ته ڇا جواب
ڏنو هو توهان؟ هن ڪيڏو نه ڏک ڪيو هو!“

”ها، مون لکيومانس ته مونوٽ جڳهه ڪانهي، جڳهه جي ت
ڪمي آهي، تون پاڻ ڏسين ويٺي!“

”ها، انڪري هوُ وڃي ٻيءَ هاسٽل ۾ رهيو آهي. اِن حالت
۾ مان توهان وٽ هميشه لاءِ ڪيئن رهي سگهنديس؟“

”تنهنجي ڳالهه ٻي آهي. ڇوڪري ڪٿي به سمانجي وڃدي
آهي.“

”نه، دادا! منهنجي ڪري مئدا کي پٽ ٿي سمجهو ٻوي
اِندرو اڄ ئي بالڪنيءَ ۾ سمهندو آهي- هيروءَ کي نه ڪري
مونکي نا رهڻ لاءِ چئو، اهو ٺيڪ نٿو لڳي. تنهن ڪانسواءِ مونکي
به گهر واپس وڃڻو آهي. گهر جي ياد ستائي رهي آهي“

اُن ڪانپوءِ مان چپ ٿي ويس.

ماني مهل به هڪ اکر نه ڪڇيم ۽ چپ چاپ وڃي پلنگ تي
ليٽي پيس.

سمهڻ کان اڳ، دادو اچي پلنگ تي ويٺو ۽ منهنجو ها

• دادو ۽ پيار

هڪ ڳالهه غور طلب آهي - اُن تي ڪافي ويچار بعد اُن نتيجي تي پهتي آهيان ته عام طرح سان هڪ ڪلاڪار ڪنهن مقناطيسي تاثير جو مالڪ هوندو آهي؛ هن ۾ هڪ Magnetism هوندي آهي - هو نه رڳو پنهنجي مخالف جنس (Opposite Sex) کي پاڻ ڏانهن ڇڪي سگهندو آهي، پر ڪن حالتن ۾ هم جنس وارن کي به. تنهن ڪانسواءِ هو پاڻ به گهڻو ڪري، پنهنجي مخالف جنس ڏانهن، رواجي ماڻهن کان، وڌيڪ مائل ٿيندو آهي.

هڪڙو ڀيرو، پنهنجي ڌيءَ لليتا کي جا اُن وقت ڇهين ستين ورهين جي هئي، دادي جي پنيان پنيان ويندو ڏٺم، ته مون دادي کي چيو هو -

"دادا، توهان کي تمام گهڻو Sex-appeal آهي!"

۽ دادي مونکي اُن ڳالهه کي واضح ڪرڻ لاءِ چيو هو. ان ڳالهه تي اُسانجو ڪافي دير تائين لمبو چوڙو بحث هليو هو.

Sex appeal جو مطلب هرو ڀرو اهو ڪونهي، جيڪو شبد ظاهر ڪن ٿا - اِهو گڻ رکڻ واري، اِستريءَ يا پرش ۾، اهڙي مڙيئي ڪا ڪشش هوندي آهي، جا ٻين، ننڍن توڙي وڏن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائيندي آهي ۽ اهو شخص ڪنهن به ماڻهن جي مجموعي ۾ ٻين کان وڌيڪ اُڀري بيهندو آهي.

۽ دادي ۾ اهو ڪجهه هو.

هو پنهنجي هم جنس توڙي! مخالف جنس وارن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندو هو ۽ پاڻ به گهڻو ڪري، ڇوڪرين طرف مائل هوندو هو، ڳالهين سان به - الڳ الڳ عمر وارين سان هنجو جدا

چيائين، "Keep smiling, Baby!"
اُن وديشي محترم کي ٻه منهنجي پارت ڪري ڇڏيائين،
ٽرين ڇٽڻ ڪانپوءِ، منهنجي همسفر مون کان! پڇيون س
انگريزيءَ ۾ هيءُ پڇيو،
"توکي اُپرائڻ جيڪو جينٽلمن آيو هو سو تنهنجو ڪير ٿئي
مون ٻڌايومانس ته پڇڻ لڳي، "تو هين ڇا ٻناڻ آهيو؟"
مون وسعت ۾ پنهنجي ڪيس ٻڌايو، "نه، اسين سنڌي آهيو
"تنهنجو چاچو هيڏو قداور ۽ شڪل جو سهڻو، تو
ڏٺي، مون سمجهو توهين هندستاني نه آهيو."
اڪيلو پهچي، دادي کي سفر جو سڄو بيان تفصيلوار ل
موڪليم ته جهانسيءَ کان ڪانپور تائين وڏي شاهي گاڏي
مان بلڪل اڪيلي هئس ۽ ڪيئن ڊڄيون، دروازا لاڪ ڪ
ليٽي پيئي هئس، جيتوٽيڪ ننڊ نه پئي آئي، "پر دادا، ڪ
ته مونئي! ڪيئن اڪيلي لکنو پهچي ويس!!"
پر تو ان ڏينهن ٻچاٽا مونکي پنهنجي اُها جيت، جيت
لڳي. منهنجو ويڪ مونکي وڏو وڻڻ لڳو.
"مان جيڪر واپس ورڻ لاءِ اپڏي تڪڙ، جندازي ۽ ض
ڪريان ها ته سٺو ٿئي ها، تو ان ڏينهن ۾ ڪهڙو فرق پ
وڃي ها؟ دادي مونکي خوش ڪرڻ لاءِ ڇا ڇا نه ڪيو!!"
پر انسان پنهنجي پلن مان ٿي نه سگهندو آهي!

هڪ آزاد نظم لکيو هئم ”اُها سنڌس ڪتاب جوانيءَ جا جذبا
پيڙيءَ جون يادون“ ۾ شايع ٿي.
اُها هن ريت آهي:

گورا هٿ ۽ پير

هنجا هٿ ۽ پير
کهڙا نه آهن ٻُوڙلائتا
نفيس، گورا گورا
موتي تين رنگ جيان شفاف

سندس گورن هٿن کي
چمڻ ۾ نه موج آهي
پر سندس گورن پيرن کي
به جيڪر چمي ڇڏجي!

(جوانيءَ جا جذبا، پيڙيءَ جون يادون جي ص ٧١ تي)

پنهنجي سائنس ٻن مهمن جي پرواس جو ورڻن، پانڪن
ڳيان رکي چڪي آهيان (باب - ٥ ۾)

جيون جي آنتم سالن ۾، دادو ڪلڪتي ۾ رهيو پيو هو،
پنهنجي پٽ اِندروءَ وٽ (مان پوني ۾ هئس) ۽ منهنجا مائٽ
ادا ۽ امي پين سوڌا به اُتي هئا! دادو هر آرتوار اسان جي
گهر سڄو ڏينهن گذارڻ ويندو هو. اُنوقت سندس دل منجوءَ
سان تي ويٺي جا ڪاليج ۾ پڙهندي هئي. ظاهر هو ته هوُ
منجوءَ تي اَکن چڪن هو. پائيندو ته سينئي کي هو پر منجو
خاص هئي، اُنهن ڏينهن ۾! منجوءَ کي پنهنجون آڪاٽيون،
ڪتاب وغيره پڙهي ٻڌائيندو هو، ڪانئس هنديءَ ۾ ترجمو
ڪرائيندو هو.

جدا رشتو هوندو هو.

سندس چوڻ هو (مونکي پاڻ چيو هئائين) ته هن چار ڀيرا پيار ڪيو هو. پر منهنجي سمجهه موجب هن اَڪيچار ڀيرا پيار ڪيو هو. جڏهن وقت دادي اهي شبد چيا هئا، ان وقت سندس "پيار" سان الائي ڪهڙو مطلب هو. پيار جا بيشمار روپ آهن ۽ جيتوڻي جاڻ مونکي دادي جي سڀاءَ ۽ زندگيءَ جي آهي، مان يقين سان چئي سگهان ٿي ته دادي پيار جي ڪيترن ئي روپن جو انڀو ڪيو هو، پنهنجي جيون ۾.

سڀني حقيقتن کي ڪي ٽوڙي، مان هڪ فيصلي تي پهتي آهيان. هڪ حقيقت ظاهر ٿي بيٺي آهي ۽ اها هيءَ آهي (شايد ڪيس به ان ڳالهه جي جاڻ ڪانه هئي)... ته دادي کي پندرهين کان ٻاويهن سالن جون ڇوڪريون گهڻي ۾ گهڻيون پاڻ ڏانهن ڇڪينديون هيون ۽ هوءَ هن ڏانهن گهڻي ۾ گهڻي توجو ڏيندو هو، نه ته ڪنهن خراب مطلب سان!

بلڪل پوتر، نرمل ۽ مقدس هوندا هئا سندس ارادا.

جڏهن وقت منهنجي وڏي ڀيڻ شيلا ١٥ ورهيه جي هئي (سعت ۾) اُن وقت دادي کي تمام گهڻي وڻندي هئي. سندن ئي شبدن ۾، "مان اُن وقت بيمار گذاريندو هوس. نروسنيس (Nervousness) جي بيماري تي بيٺي هئي، مونکي. حيدرآباد ۾، توهان وٽ اچي رهيو هوس، ڪاليج مان سال موڪل وٺي. شيلا اسڪول وينديءَ هئي. سارو ڏينهن سندس اسڪول مان موٽي اچڻ جي راهه پيو تڪيندو هوس. ڪڏهين هوءَ ايندي، منهنجي ڀر ۾ اچي ويهندي!)"

اهو سڀ دادي مونکي اُن وقت ٻڌايو هو جڏهين مان پاڻ سترهين ورهين جي هئس ۽ هن وٽ رهي پيئي هئس.

"مونکي شيلا جا هٿ ڏاڍا وڻندا هئا ۽ انهن هٿن تي

اِبتدا يا اِنتها؟

هري موٽوا ٽي ۱۹۸۷ ۾ سنڌ ويو، حيدرآباد ويو ۽ اسانجي اَباڻي جڳهه جي سامهون، وليرام ولڀ کي بيهاري، اُتي جا فوٽا ڪيئي آيو ۽ اچي مونکي ڏيکاريائين.

مار، سڀ ڪجهه ساڳيو! سواءِ هڪ ٻن ماڙين موٽرن کي، ڇڏي جيڪي رستي تان پيئي هليون سڀ ڪجهه ساڳيو!! اُن مڪان جي ٻاهرين روپ کي ڏسي، مونکي ڪلپنا جا پر لڳي ويا ۽ حيدرآباد سنڌ جي اسڪول روڊ تان پنڌ ڪندي پنهنجي اَباڻي گهر جي شاهي لوهي دروازي وٽ اچي بيٺس. چوڪيدار نظر ٻوڙائي اندر گهڙيس. لنگهه واري ڪوٺي لتاڙي ساڄي پاسي مڙيس - پنهنجي دادا کي ڏنل حصي طرف، ماڙيءَ واري گهر ڏانهن ويندڙ ڏاڪڻ ڏانهن پنهنجون وکون وڌايم - هيٺين ۽ مٿين عمارت اَسانجي گڏيل جائداد هئي، جنهنکي اسانجي اَبن ڏاڏن جوڙايو هو. هيٺ ڪشادا وڏا آڱڻ هئا، آڱڻن جي پٺيان شاهي ورانڊا، ورانڊن جي پٺيان ڪمرا - اُنهن چئن مڪانن اندر چار پريوار رهي سگهيا ٿي. اڳتي هلي، اها چئن گهرن واري جائداد، ديوان شيوڪرام (منهنجي پڙ ڏاڏي) جي ٻن پٽن - راءِ بهادر اُڌارام ۽ ڊاڪٽر کيمچند ۾ ورهائي ويئي ۽ ٻنهي کي ٻن ٻن گهرن وارو حصو مليو - منهنجي ڏاڏي ديوان اُڌارام پنهنجي حصي جي مٿان (اڱڻن کي ڇڏي) هيءَ ماڙي تعمير ڪرائي اَسانجو دادا (عالمچند) پريوار سوڌو رهندو هو.

اِها مٿئين ماڙي بعد ۾ جوڙائي ويئي هئي ۽ منهنجي ڏاڏي

ڪيس سنڌي - عربي - لپي سيکارڻ جي ڪوشش ڪندو ۽
۽ هر آرتوار مدجوءَ کي ليڪ گارڊنس (Lake Gardens) گهمڻ
وٺي ويندو هو - وقت اچڻ تي مدجوءَ جي شادي دادي
پنهنجي هٿن سان ڪرائي، ڪنوار پيءُ جي ناتي مهنجي داد
جو ديهانت تي چڪو هو ۽ مان سمجهي سگهان ٿي، ڪيڏي
نه ڏکي دل سان!

مدجوءَ جي شاديءَ بعد، هن کي هميشه شڪايت رهندي
هئي ته مدجوُ ڪيس ٻه وقت خط جو جواب نٿي ڏئي - پوني
ٻ ان ڳالهه جو اظهار ڪندي جدائي تي ويو هو
جوش ۾ ٻه اچي ويو هو - سندس ڏنل خطن مان (باب - ۴ ۾
اُن جون جهلڪيون ملي ٿيون.

اها ڄاڻ مهنجي پنهنجي آهي.

هن جي هرديه ۾ اَپار پيار هو، ٻهي کي هوُ، ڪنهن نه
ڪنهن روپ ۾، ڪنهن نه ڪنهن تي نڇاور ڪرڻ چاهيند
هو - اهو اُچلوُن ڏيئي نڪري پوندو، ڪنهن سهڻي، ڪچڙي
ڇوڪريءَ جي مٿان ۽ جنسي ڪيس پنهنجي سيني سان سنا
ڪرائي ڇڏيندو هو - اُهڙو پيار جيڪو اُجل هو ۽ هو نرمل!

۽ اُهي نازڪ نينگريون جڏهين وڏيون ٿي ائين ڪنهن جو
ٿي وينديون هيون ۽ هن ڏانهن سندن ڌيان گهٽجي ويندو ه
ته هن جي دل کي چوٽ رسندي هئي (سندس ناڻڪ "ٻيءُ
ڏيءُ" اُن وشيه تي ڇپي ٿو) ۽ هنجو انتر من تلاش ۾ لڳند
هو، هڪ ٻئي پنهنجي پيار جي پاتر کي!

جهيڙن جهڳڙن جا معاملا طئہ ٿيا، ورثي ۾ مليل جائداد جا ٽڪرا ٽڪرا ٿيا ۽ اهم ڪاغذن تي دستخط پيا. انهن فيصلن پٽاندڙ بنهي ڀائرن باغ بغيچا، سيٺي ڪان ننڍي پاڻ (منهنجي ماٽيجي چاچي) کي مليون، جڳهيون ۽ ماڙيون، ٻن سڳن ڀائرن - منگهارام ۽ عالمچند جي نالي ڪيون ويئون. انئي سال عالمچند (منهنجو دادا) بيمار ٿيو ۽ ان بيماريءَ جي ڪارڻ ٻنهي سڳن ڀائرن جا پريوار هڪ ٻئي جي اچا ٻہ وڌيڪ ويجهو آيا.

هلو تہ ١٩٣٦ع واري واقعي کان ٻہ اڳہ واري زماني ۾ هلون:-

اڻويهين صديءَ جي وچداري، حيدرآباد سنڌ ۾، ديوان شيوڪرام ملڪاڻي هڪ سرڪاري مختيارڪار هو. هن پنهنجي محنت، جفاڪشي ۽ دوراند‌يشيءَ سان حيدرآباد ۾ زمين خريد ڪري، جڳهيون جوڙايون ۽ چڱي ملڪيت ٺاهي. هو شوقين مزاج وارو، ڪلا ۽ سنگيت جو پريمي هو جنهن جي حويليءَ ۾ ٿيندڙ محفلن ۽ محفلن جي چرچا مون وڏن جي واتان ٻئي ٻڌي آهي. حيدرآباد جو هڪ بند ڪمرو ۽ ان ۾ ڏاڍي چوچ سان سانديل جهوني زماني جون قيمتي شيون (Antiquities) ڪٽ-گلاس جا جهومر، گهڙيال، باغيچا، پينگها، شيشن جون ڪلون ۽ مٽا - اجا بہ منهنجي اکين اڳيان پيون ڦرن.

ديوان شيوڪرام جي وڏي پٽ اڌارام (جنهنکي پوءِ راءِ-صاحبيءَ جو خطاب مليو) پتا جي ملڪيت کي ڪٽي چار چند لڳايا. هو جمندي جام زميندار هو. هن ٽنڊي محمدخان جي ڏکڻ پاسي ١٦ ميل پري، موريا ۽ سيوناري ۾ ڇهہ ميل لنبي پٽيانگ زمين خريد ڪري، پاٽيءَ جا نوان واهہ وجهايا، آسي پاسي جا جهنگل ڪپائي، پنهنجي اسٽيٽ کي آباد ڪري وڌايو ويجهايو ۽ جهنگل واري ۽ پٽرائتي زمين کي سرسبز ۽ اپجائو بڻايو. هو زمينداريءَ جي پيشي ۾ ايڏو تہ ڪامياب ويو

جي واستو ڪلا ۽ ڪلاتمڪ ذائقي جي ساکي ھئي. چوڌاري ڀتين تي نقشيڪاري، اڱڻ جي ڀتين تي اُڀتيون ڪمانون ۽ پٿرين اڱڻ ۽ ورانڊي جي وچ ٿهيل سنگمرمر جا ٿلها ڏول ٺھيا پنھنجو پاڻ ئي ڏاڍي شونق ۽ ذوق جي باري ۾ ڳالھائي رھيا ھئا.

پر اُن ماڙيءَ جي تخليق ڪڏھن ٿي ھئي؟

اُھا لڳ ڀڳ سنه ۱۹۲۰ ۾ جوڙائي وئي ھوندي. اندر ڪمرن ۾ گھڻو سان ڀتين ۾ شيشي ۽ آرسين وارن ڪٻٽن تي نظر پيم ۽ ڪٻٽن جي شيشي جي ناڪن تي چترڪري ۽ نقاشي ٿيل ھئي ڏٺم.

ھڪ ڪٻٽ کوليم - جھونن پراڻن ڪاغذن جا ڍير رکيل ھئا. اھڙا ڪاغذ جن جو رنگ ڳاڙھو ٿي چڪو ھو ۽ جيڪي مٿي چھاءَ سان پرزا پرزا ٿي ٿيا. اُھي ڪورٽ جي فائيل ھئا جنجو ماڌيم انگريزي ھو.

۽ اُھي ڪٽنبي مقدما، جيڪي دادا لڙيو ھو، اباڻي ملڪيت خاطر پنھنجي مائٽن جي پاءَ سان، پنھنجي پتا جي ديھانت کان پوءِ، منھنجي جنم کان اڳ.

اُھي جھيڙن جھڳڙن واريون ڳالھيون جوابدار ھيون منھنجي دادي جي بيماريءَ جون.

۽ اسان جي ڪٽنبي ڪھاڻي، اتھاس جي ورقن مان جھڙ ڪڍڻ لڳي.

سنه ۱۹۳۶ع وارو سال اسان جي ڪٽنب جي اتھاس لاءِ ھڪ اَنوکو سال ثابت ٿيو ھو. اھو اسان جي گھر جي ڀاتين جي حياتين ۾ ھڪ نئين موڙ ڏيڻ وارو سال ھو. اباڻي ملڪيت بابت سالن کان عدالتن ۾ ھلندڙ ڪيس اڄ پورا ٿيا

-٣-

اُوهان کي آفرين ناهو ڏجي ٿو مسٽر اُڌارام شيوڪرام زميندار تعلقه بدين، پوليس کي چڱي مدد ڪرڻ ڪري، انهي لاءِ تہ وهانجي اها خدمت وساري نہ وڃي ۽ آئينده جڏهين مدد گهربل ٿئي تڏهين ڏيندا اچو.

Sd. S. H. THOMAS

ڪليڪٽر صاحب بهادر

حيدراباد سنڌ

ديوان شيوڪرام جيترو سنگيت ۽ نرتيہ ڪلا جو شوقين هو، اُڌارام وري انهن ڳالهين کان اوترو ئي ونءُ ويندو هو - هو خشڪ ۽ ڪڙڪ سپاءُ وارو ليکيو ويندو هو - هاڻ شوقين، روعبدار ۽ اِسٽائيل رکڻ ۾ پيءُ کان بہ ٻہ رتيون سرس هو.

اُنگريزي - ڪٽ - ڪپڙا پائڻ، انگريزي اِسٽائيل وار رکڻ، ڪاڌو کائڻ ۾ ڇرين ڪانٽن جو استعمال ڪرڻ هن ئي شروع ڪيو.

ديوان شيوڪرام جو ٻيو اولاد هو:

کيمچند، ڏني بائي ۽ چترو بائي -

کيمچند تہ اڳتي هلي اکين جي ڊاڪٽر ٿيڻ جي ناموس ماتي - چترو بائي، ننڍپڻ ۾ ئي اکين جي جوت وڃائڻ جي باوجود، ساڌو هيرانند جي نگراني ۾ هڪ پڙهيل ڳڙهيل، انگريزيءَ ۾ پڙ، آزاد طبع اِستري ٿي- ساڌو هيرانند پاڻ خاص هن جي خاطر انڌ - لپي سکي ۽ پوءِ کيس سيکاري - چترو بائي برِيل (Brail) دواران تعليم حاصل ڪئي ۽ هوءَ سنسڪرت وڏي انگريزيءَ ۾ سنڌ جي اوائلي ودوان استرين مان هڪ هئي. سندس سوين سلوڪ بريل ۾ لکيل، حيدراباد ۾ وهاڱي وقت رهجي ويا - اُنهن مان جيڪي برزباني ياد هئس، گذر

جو آس پاس جا زميندار توڙي سرڪاري عملدار. اسسٽنٽ ڪليڪٽر ۽ ڪليڪٽر. هن کان صلاح مصلحت ۽ مدد وٺڻ لڳا، جا هو خوشيءَ سان ڏيندو هو.

ڪيس مليل بيشمار آفرين نامه. انگريزيءَ توڙي سنڌيءَ ۾ لکيل. سندس انگريزيءَ ۾ لکيل ۱۹۲۰ ۾ ڇپايل ڪتاب "Description of the Agriculture Improvement" ۾ درج ڪيل آهن. ڪيترا آفرين نامه کيس فرنگي سرڪار وٽان پوليس کي خوفناڪ عناصرن کي جهلائڻ ۽ بدمعاشن کي ڪين ۾ قاسائڻ خاطر مليا هئا ۱۹۰۶ کان ۱۹۲۰ ۾ وچواري عرصي ۾ اهڙا ۲۱ خط مون وٽ سنڀاليل آهن، جن مان ٻه مثال طور هيٺ ڏجن ٿا:

آفرين نامو - ۱

ڊسٽرڪٽ سپرنٽينڊنٽ صاحب بهادر، پوليس، حيدرآباد جو زميندار مسٽر اڌارام پٽ ديوان شيوڪرام وينل ڳوٺ هالڻ - مويا تعلقه، ڳوني جو شڪرگذار آهي جنهن پوليس کي خوفناڪ ڦورن جي جماعت ڳوني تعلقه ۾ مارچ ۱۹۰۵ جي جهلائڻ م بنسبت مدد ڏني.

تاريخ ۲۸ جون ۱۹۰۵ع D. G. OMMANNEY
Superintendent of Police
HYDERABAD.

۲-

مانواري مسٽر اڌارام ولد شيوڪرام تعلقه حيدرآباد ڏانهن.
اسان کي بدي گهڻي خوشي ٿي آهي ته اوهان حسبِ واه مان لسٽ ڪڍائڻ جي ڪم ۾ چڱي مدد ڏني آهي. اميد آهي ته آئينده جڏهين مدد گهربل ٿئي تڏهين ڏيندا رهندا.
تاريخ ۱۵ مهينو آڪٽوبر سال ۱۹۱۵

C. A. BEYTS
ڪليڪٽر صاحب بهادر
حيدرآباد

(٢)

پيچ ۾ پيئي پڇي پنڌي پنهنجي پنيءَ ري
لڳي باھ برھ جي تنهن کان ڪيئن بچي
ڪونہ آرام اچي، تو اُنهيءَ ري اکين کي

(٣)

گردر داران رکمڻي رو يو پيئي رڙي
وڃي حال اندر جو ڪنهن سان ڪري
راتيان ڏينهان رت قرا، ڳاڙيو ٿي ڳري
موهن پيئي مري، درسن ڪارڻ دوست جي،

(٤)

ناري مايا روپ، جنهن وڏا پلائي وير
ماري وڌائين سڀ کي تکا هلائي تير
چلي چڙيائين چل سان، قابو منجهہ زنجير
ڪئين ڪامل پير، لڙهي ويا تنهن لهر ۾.

دادي چتر جي باري ۾ لکندي مونکي پنهنجي بالڪپڻ جو هڪڙو منظر ياد اچي رهيو آهي.

دادي چتر ڪرشن جي پوڄارڻ هئي، اهڙي ئي نموني منهنجي ڀڦي دادي گڏي بہ ڪرشن کي پوڄيندي هئي. مون پنهنجي ڀڦيءَ (دادي گڏيءَ) کي پنهنجي ڀڦي دادي چتر (سندس ڀڦي هئي) سان ڪرشن لاءِ وڙهندو ڏٺو هو.

هڪ ڪرشن جي تصوير هئي هنن ٻنهي اچي جهڳڙي جو ڪارڻ. دادي چتر چوي "ڪرشن منهنجو آهي." ۽ دادي گڏي چوي "ڪرشن منهنجو آهي." هڪڙي چوي "رات ڪرشن مونکي سپني ۾ چيو تہ مان تنهنجو آهيان." ۽ ٻي بہ ساڳي ڳالهہ

ڪرڻ ڪان اڳ ٻڙودي ۾ پنھنجي پاڻتي منگھارام ملڪاڻيءَ کان لکائي ورتا ھئاسين جي ھن وري آگسٽ ١٩٦٢ واري ھندواسي پرچي ۾ ”سورداسڻ جا سلوڪ“ جي سري سان شايع ڪرايا ھئا، جي مان ھتي ڏيان ٿي:

مھراج نندارام جي نمت

(١)

نينا منھنجي نيڻن ۾ آھ گلاب سندو گل
ڪتي سگھي ڪوڻ، ڪو تنھن جانب جو ملھ
تنھن سمان ناھ ڪو ٽرلوڪيءَ ۾ تل
معڙا ڪيم پل، پئي پريان پيون ٿي.

(٢)

پيھي آءٌ پيڙ مان توکي چئي ڏيان ٽکي
اچج مون اناٿ ڏي لوڪن کان بہ لڪي
جاني ري جھان ۾، آھيان ڪڙي ٿڪي
ساري عمر سڪي وئي اٿم سورن ۾

(٣)

اٿم نينا نيڻھن جي نيڻن ۾ لوري
ڪريان پيئي چت سان چرڻن جي پوري
وچان مان گھوري نينا مٺي نانوَ تان

ديوان ديارام گدومل جي نمت

(١)

ڪيئن نہ گھاريا بين سان جيئڙي ڏنئہ جواب
وڃون روئن رت تيون، ڪسي تيون ڪباب
ناري ڏيئي آب ڪو، دوستاني درجو

تاريخ ٢٨، مهنو ٢، سال ١٨٩٣

My own darling husband

منهنجا خط توهانجو پهتو - پڙهي گهڻي خوش ٿيس - پر توهين
ڇڏيو ٿا تہ ڪيئن لڪشمل، ڏني ۽ جو خط آيو پر تنهنجو ڪونہ آيو، سو
مونکي نہ ياد نٿو پوي تہ مون لکيو هو يا نہ - منهنجا مان تہ جيڪر
توهان وٽ اُڏامي اچان پر ڇا ڪريان - الائي ڪڏهين توهان سان
گڏبس - اهو ڏينهن الائي ڪڏهين ايندو. اڄ گيارس آهي پر
مون ڪانہ رکي آهي - هر روز مان سبق وٺندي آهيان ۽ چڱي
طرح ياد ڪري ٻڌائيندي آهيانس، هيرانند هر روز هتي
ايندو آهي خوش چڱو ڀلو آهي - ڪيمچند چڱي طرح پڙهندو
آهي. ٿوري ڪنگهہ اٿس - هتي ٻيا سڀ چڱا ڀلا آهن - چتر
توهانکي گهڻا پيار ڏنا آهن، منهنجا ٻي ڪا ڳالهہ آهي ئي ڪانہ.
هاڻي بس ٿي ڪريان هاڻي Good bye.

توهانجي فرمانبردار وشني

... پيارا جنهن ڏينهن مونکي اُٿيون ٿيون هيون مونکي
ڏاڍيون برنديون آٽي ڏنيون، اُها مون پيتي تنهن کانپوءِ مونکي
گهڻو آرام هو. توهانجي پاءُ جي عادت کهڙي نہ خراب آهي.
مون هيئنئر توهان کي خط ويٺي لکيو تہ اوچتو توهان جو پاءُ
آيو سو اُماڻڪ خط ڪڍي ويو پر ڪٿومل بہ آيو، تنهن کي مون
ورم لاهي ڇيو تہ خط منهنجو ڪڍي ويو آهي. اُنهيءَ مونکي
ڪجهہ ڏنو. اڳي بہ هڪڙو بہ پيرا ائين ڪيو اٿس پر مونکي
ڪيمل وٺي ڏنو آهي. مون توهانکي اڳي ڪڏهن نہ لکيو آهي.
ڀاڙو خراب ڪري ڇڏيائين جو وري پيو لکڻو پيو. پيٽي چتر
توهانکي گهڻا گهڻا پيار ڏنا آهن. هاڻي goodbye.

تاريخ ٦ مهنو ڊسمبر
سال ١٨٩٢

"ڪرشن مونکي سپني ۾ چيو ته مان تنهنجو آهيان." نيٺ ڪرشن ڪڏهن ڪي مليو، مونکي خبر ناهي. پر مون اهو ئي ڪرشن جو فوٽو سالن جا سال پنهنجي امڙ وٽ ڏٺو هو.

ديوان اُڏارام جي ڀاڄائي پتني وشني ديوي چوڏهين سالي جي سندر نوورني، وهانءَ ڪري ساهري گهر ته آئي پر ديوان صاحب ڪي پاڻ گهڻو وقت ٻئين تي گهارڻو پوندو هو. هوءَ پنهنجي ڪنوار جي تعليم ڏانهن چڱو ڌيان ڏيندو هو.

ڪيس پاڻ ٻه پاڙهيندو هو پر سندس غير حاضريءَ ۾ ساڌو هيرانند سندس گهر وڃي هر روز وشني بائيءَ کي سکيا ڏيندو هو. سندن هڪٻئي جي جدائي ۾ لکيل ١٨٩٠ کان ١٨٩٣ تاءِ پريم پتر مون وٽ صحيح سلامت آهن. جن ۾ وشني بائيءَ پنهنجي پتار کي My Darling husband ۽ اُڏارام My own darling ڪري مخاطب ڪيو آهي. اُنهن جا ڪي ٽڪرا مان هيٺ ڌيان تي ڏيکي سهڻي لکاوٽ سان، ٿلهي نب واري ڪلڪ ۽ ڪاري سياهيءَ سان، اڃا تائين مون سانڊيل آهن. ٻنهي ڌرين جا خط ڪيئن هڪ هند تيا، اها سوچڻ جي ڳالهه آهي.

اُنهن ڏينهن جي مس جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! اَڄ ڏک گهٽ سٺي ساري صديءَ بعد، وقت، موسم جي آنڌي طوفان، ورهاڱي جي واچوڙي سهڻ کانپوءِ مون وٽ ڪارڊ ڪارڊ سوگهو آهي. سندي بولي ساڳي اڄ جي سنڌي پيئي لڳي ته ننڍين پرڻيل جوڙي جو پيار ٻه ساڳيو اڄ جو پيار پيو پانڌي!

تاريخ ٢٢، مهنو نومبر، سال ١٨٩٢

My dear darling husband,

پيارا، خط توهانجو چار ڏينهن ٿيا آهن ته نٿو اچي. تنهنجو سبب ڇا آهي. آهيو ته چڱا ڀلا؟ الائي ڇو نه ٿا خط لکو. شال هميشه خوش چڱا ڀلا هجو. اڄ توهانجو پيارو خط ايندو ته مان خوش ٿينديس. هاڻي good bye

● تعليم ڪيتر ۾ ....

پتا جي مرضيءَ مطابق، دادو منگهو بي. اي. پاس ڪري ٻهين تي ويو. اُتي چار سال گهارڻ بعد هن محسوس ڪيو ته سندس چاهه زميداريءَ ۾ ڪونه هئو. جيئن ئي ڪيس ڪراچيءَ جي ڪاليج مان اسسٽنٽ پروفيسريءَ جي ڪوٺ ٿي، حيدرآباد وڃي اٽڪل سان پتا کي راضي ڪيائين ۽ پروفيسري قبول ڪري ورتائين.

اُن وچ ۾ اُڌارام، عالمچند کي بامبي ۾ وڌيڪ پڙهڻ لاءِ موڪليو هو. اُتي مهنجي دادا کي ڪرستان ڇوڪرن جي اهڙي سنگت ملي جو سندس دلچسپي انگريزي موسيقيءَ ۾ وڌندي ويئي. نه رڳو اُتي راڳ ڳائڻ سکيو پر ساز به وڄائڻ لڳو. موڪلن ۾ گهر موٽي آيو ته پتا کي چوڻ لڳو،

”بابا، مونکي سنگيت سکڻ لاءِ ولايت موڪليو. مهنجو من پڙهڻ ۾ نٿو لڳي.“

بابا اچي بگڙيو، ”انگريزي ميوزڪ سکي ڇا ٻئنڊ ماسٽر بڻجڻو اٿيئي؟ اِهو نه وسار ته زميندار جو پٽ آهين. موڪليو مانءِ پڙهڻ بمبئي ۾ ۽ سکي آيو آهين انگريزيءَ ۾ گانو بجانو!“

۽ هن جو بامبي ۾ پڙهڻ به بند ٿي ويو.

ڪجهه وقت هن حيدرآباد جي اسڪول ۾ ماستري ڪئي هئي. هو هڪ عمدو اُستاد هو. اڳتي هلي هو اسان ٻارن کي سکيا ڏيندو هو. جيڪا ڳالهه هو هڪوار سيکاريندو هو اُها هميشه ذهن نشين ٿي ويندي هئي. اهو هنجي سيکارڻ جو گڻ هو. انگريزي ڀاشا تي هنکي پورو ظابطو هو ۽ اُچار لاجواب.

وغيره وغيره.

ديوان اُڌارام کي وشنيءَ مان ٽي ٻار ٿيا منگهارام، گدي ۽ عالمچند.

وشني ديوي منهنجي پتا کي ڄمر ڏيئي جلدي گذاري ويئي ۽ منهنجو دادا اڃا ٽي سالي جو هو ته ديوان اُڌارام ٻي شادي ڪئي جنهن مان هن کي پنج ٻار ڄاوا، چار ڌيئر ۽ هڪ پٽ- موتي يا ننڍو منگهو.

دادو منگهو ننڍي هوندي کان وڏي سڀاجهو، نرم دل ۽ پيءُ جو فرمانبردار پٽ هو، جنهن ڪري پتا جو پيار پوءِ هتڙو سدائين مٿس رهيو. گدي کي ٻه اُڌارام خاص پائيندو هو پر عالمچند الهڙ اوستا ۾ گهڻو ڪيچيلو ۽ مستيخور ٿيندو ويو ۽ شرارت سبب مائيلي ماءُ جي همدردي ۽ پيار حاصل نه ڪري سگهيو. هو اڪثر پتا جي ڪوپ جو شڪار ٿيندو رهيو. ٻالاوستا جي ڪچڙن ۽ معصوم ڏهاڙن ۾، پيار ۽ شفقت کان محروم رهي، هو اڳتي هلي باغي ۽ چيڙو ٿي پيو هو. ٻيا عمر، ڪوبه هن کي صحيح معنيٰ ۾ سمجهي نه سگهيو هو، نتيجي طور زندگيءَ پر هن پاڻ به پوڄيو ۽ ٻين جي پوڄڻ جو ڪارڻ بڻيو. دادي پنهنجو ناٽڪ "ناخلف پٽ" پنهنجي ننڍي ڀاءُ ڪالوءَ کي ڌيان ۾ رکندي لکيو هو.

دادي منگهي کي نه زمينن ۾ دلچسپي هئي ڪانه، پر منهنجي دادا جي مرضي هئي ته ٻيون جيڪي ملڪيت جو اَهو حصو هيون ٻن وڏن ڀائرن کي ملن ۽ جايون ننڍي ڀاءُ کي.

معاملو عدالت ۾ ويو. منهنجي دادا ۽ سالن جي ڪوشش ۽ اينگهه ڪانپوءِ، جڏهين دادا ڪيترئون راتيون اوجاڳا ڪيا، ٽائيپ رائيٽر تي مقدمي جا پنا ٽائيپ ڪندو رهيو، فيصلو منگهارام ۽ عالمچند جي فائدي ۾ ويو، يعني عدالت ٻنهي واري ايسٽيٽ وڏن ڀائرن کي ڏيڻي ڪئي ۽ جڳهيون ننڍي ڀاءُ ـو تيءَ کي. مگر اوچتو ئي اوچتو، انهي فيصلي واري ڏينهن ئي، دادا اوچتو بيمار ٿي پيو (مون اهو دادا جي واتان ٻڌو هو ته "مخالف پارٽي" وارن، دادا کي ڪجهه پياريو هو. اُن ۾ ڪيتري قدر سچائي آهي، ڪير چئي سگهندو؟) ۽ دادا ڏينهن جا ڏينهن بيهوشيءَ جي حالت ۾ رهيو.

اُن وچ ۾ دادي منگهي، پنهنجي نوم سياءُ جي وس اچي، ملڪيت جي ڪاغذن تي صحيح ڪري ورتي ۽ ٻين واسطيدار پارٽين جا به دستخط ورتا، جن جي مطابق ٻنهي مائيجي ڀاءُ ورتيءَ کي، جڳهيون وڏن ڀائرن جي حصي ۾ آيون ۽ ڪٽيل بازي جاڻي ٻجهي هارائي ورتائين. سندس چوڻ هو ته اهڙي ملڪيت گهوڙي جنهن ڪٽنب ۾ جهيڙا پيدا ڪيا هئا ۽ ننڍي ڀاءُ جي صحت کي بگاڙيو هو.

برابر هن لاءِ ٻنهي جي ايڏي اهميت ڪانه هئي، پر عالمچند ۽ ٻنهي کي حاصل ڪرڻ بيحد ضروري هو. جڏهين دادا هوش ۾ آيو ۽ کيس اها خبر ٻڌائي ويئي ته سندس بيسرت حالت ۾ ڀاسا پلٽجي ويا ۽ سندس محنت تي پاڻي ڦرجي ويو ته هُو منهنجو ميزان ڪوهي ويئو ۽ اُها هئي سندس بيماريءَ جي شروعات!

اهڙا رهيا آباڻين ملڪيتن جا قصا، جن ڪٽنب ۾ نفاق

اي. جي. اُتم جي پستڪ ”منگهارام ملڪاڻي“ جي گرديو ٺڪور سان گڏجاڻي واري چيپٽر (ص-٢١) ۾ هن ريت ذڪر آهي -

ٺڪور سوال پڇيو، ”گارڊنر مان ۾ تہ هڪ گيت جو ڀاڻ هڪڙي ڳيروءَ سنو ڪيو، اهو ڪير هو ۽ اُنهيءَ کي صحيح اُچار ڪنهن سيکاريا؟“

وراڻيم- ”اهو منهنجو ننڍو ڀاءُ هو ۽ اُنهيءَ کي مون ڪوينتا ڀاڻ سيکاريو هو.“

هان، اهو ڳيرو منهنجو دادا ئي هو!

هن منهنجو انگريزي ميوزڪ جو شوق برقرار هو، سوَن جي تعداد ۾ رڪارڊ وٺندو هو ۽ اُنهن لاءِ خاص ڪيٽ ٺهرائيندو هو. حيدرآباد سنڌ ۾ ڦريون ڦريون ريڊيو ۽ ريڊيوگرام (رڪارڊ چينجر) اسانجي گهر آيو هو (اها هن صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي جي وارتا آهي) ۽ اهو سڀ منهنجي دادا جي انگريزي سنگيت جي دلچسپيءَ سبب ٿيو.

منهنجو نالو خود، دادا جي انگريزي گانن جي جنون جي گواهي ٿو ڏئي - جنهن وقت منهنجو جنم ٿيو هو، هڪ انگريزي پڪچر آئي هئي ”RIO RITA“ نالي سان، جنهن جو هڪ گانو بيحد مشهور ٿيو هو:

RIO RITA, SENO RITA,
Life is sweeter
to, have you here.

۽ دادا منهنجو نالو اهو رکي ڇڏيو.

جڏهين دادو ڪراچيءَ جي ڪاليج ۾ پروفيسريءَ لئي چونڊيو تہ اُن وقت دادا کي پنهنجي تي موڪليو ويو ۽ هن کي اهو ڪم وٺڻ لڳو.

راءِ صاحب اُڌارام جو اوچتو 1928 ۾ ديهانت ٿي ويو.

عاليشان ڊرائنگ-روم جون پنيون ڪتابن جي شيلوز سان سجايل هيون. روم جي هڪ ڪنڊ ۾ وڏي ڊيسڪ کي اهڙي ترتيب سان هڪڙي پاسي ڪتابن جي ڪٻٽن ۽ ٻئي پاسي ويهڻ جي سيٽس سان گهيريو ويو هو جو اُن حصي هڪ اِسٽڊي (study) جو روپ اختيار ڪري ورتو هو، جتي دادا ڪيترا ڪلاڪ اڪيلو اڀياس پيو ڪندو هو.

شاگردن سان گڏجڻ لاءِ الڳ سٽنگ-روم ٺهيل هئي جنهن جو دروازو هاسٽل جي ڪمرن طرف واري ورانڊي مان کلندو هو- صبوح جو ڪلاڪ ڪن اهو دروازو کليل رکيو ويندو هو- ان وقت ۾ شاگرد پنهنجا مسئلا کڻي ايندا هئا.

پاڙيءَ جي ذيهن ۾ ته ٻنهي نـ ٻڌڻ ڪري دادو تمام زور سان ڳالهائيندو هو پر اُن وقت ٻه دادي جو ڪاڪڙو ڪو گهٽ ڪونه هو! شاگردن کي ڊپ‌ُون ڪـيندي دادي جو زوردار آواز دور تائين گونجندو هو.

ان بـاري ۾، مون گهر جي پاڻين جي واتان، ڪراچيءَ جو هڪڙو مزيدار واقعو ٻڌو آهي.

هڪ آڌي رات جو اَچانڪ مان روئـي روئي جاڳي اُٿيس ۽ چوڻ لڳيس،

”مون کي ڪڙاه پرساد کپي.“

مونکي گهڻو ئي سمجهايو ويو ته آڌي رات جو ڪڙاه پرساد ڪونه ملندو پر مان ٻڌان ڇو ئي؟ نيٺ منهنجي ڪيتي کي دادي جي هڪ زوردار چماٽ شانت ڪرائي ڇڏيو.

دادو بيحد رومانٽڪ مـزاج جو هو، اها تـ جڳ کي خبر آهي- پنهنجي خوش مـزاج سڀاءُ ۽ ناٽڪن ۾ پـارت اَدا ڪرڻ جي ڪري، ڪاليج ۾ پاپيولر هو- ڪيتريون ڇوڪريون ساٿس گڏجڻ ايـنـديون هيون- هڪڙي دفعي مشهور اَيڪٽري- سنيه

وڌايا، گهر ڦٽايا، تندرستيون ڀڃيون ۽ عجيب کيل رچايا!

پر ڪجهه به هجي، ڀيڻ سڀني ڀائرن - منگهارام ۽ عالمچند
جو پيار ڀين ڀائرن لاءِ هڪ آدرش ڀڄي سگهي ٿو. وڏي ڀاءُ
جو هو ننڍي ڀاءُ ۾ موهه ۽ ننڍي ڀاءُ جو وڏي ڀاءُ لاءِ هو پيار
سان گڏ آدر ۽ عزت! اصل هڪ ٻئي مٿان قربان ويندا هئا.
مٿان وري منهنجي امڙ ۽ منهنجي چاچي سرسوتي ديوي
هيون، سڳيون ماساتيون ان ڪري ٻه پريوار اچا به ڳنڍجي
پختا ٿي ويا.

دادو پنهنجي پروفيسريءَ جي ڪري ڪراچيءَ ۾ رهندو هو
۽ اسين پنهنجي حصي جي مليل اباڻي مڪان حيدرآباد ۾ رهندا
هئاسين. هيٺ جڳهيون مسواڙ تي ڏنل هيون ۽ اسين مٿي
ٽئين ماڙيءَ ۾ رهندا هئاسين. موڪلن ۾ دادو فئمليءَ سوڌو
حيدرآباد ۾ اسان وٽ ايندو هو ۽ اهڙا سال ۾ ٽي-چار ڀيرا
اسين ڪراچي ضرور ويندا هئاسين. ان نموني، سال جا چا
مهنا ته ضرور گڏ گهاريو هو.

دادا جي ناچاڪائيءَ جي ڪري، سڀني سال لاءِ، حيدرآبا
جو گهر بند ڪري اسين ڪراچي وڃي رهيا هئاسين. اُن وقت
مان اچا ڇهن پنجن سالن جي ٻار هئس... پر ڪي ڪي ڳالهيون
ذهن تي پنهنجا نشان ڇڏي ويون آهن.

ڪراچيءَ جون ڪجهه يادگريون

ڪراچيءَ ۾ دادو، ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جي مينارا
هاسٽل جو سپرنٽينڊنٽ هو. هاسٽل جي وڏي لنبي عمارت
جي پرئين ڪنڊ تي اُن بلڊنگ جو هڪ ٽي حصو (هڪ وڏ
شاهي فليٽ جي روپ ۾) کيس مليل هئي. ان فليٽ ج
فرش ڪاٺ جو هو ۽ مٿي چڙهڻ لاءِ ڪشادي ڏاڪڻ به ڪاٺ
جي هئي.

سندس چوڻ هو:
”منهنجي پتا ٻي شاديءَ هيڏا رولا ڏٺا ته جا منهنجي زندگيءَ جي تجربي مان ايترو به نه سکندس؟“

اهڙيءَ طرح هن پنهنجن ٻارن جي خوشيءَ خاطر پنهنجي جيون جون خوشيون قربان ڪري ڇڏيون.

دادا ڪراچيءَ ۾ پنهنجي ناناڻي گهر گهڻو ويندو هو. هن جا ڪي نيم ٺهيل هئا. هو هفتي جا ڪي خاص ڏينهن نانيءَ وٽ ويندو هو. دادي جو پنهنجي نانيءَ، ماسين ۽ مامن سان خاص لڳاءُ هو جن سان هن توڙ تائين نباهيو. ڀينءَ ۽ ديويءَ ڪي هو خاص پائيندو هو.

دادي جي چرتر کي اسين مريادا ۽ ڪرتويه پالڻ وارو آدرش چرتر چئي سگهون ٿا. هن پنهنجي جيون جي ناٽڪ ۾ هڪ آدرش پٽ، آدرش ڀاءُ، آدرش پتي، آدرش پتا، آدرش گرو، آدرش متر ۽ آدرش چاچي جا ڪردار خوبيءَ ادا ڪيا. هڪ انسان هئڻ جي ناتي هو ڪن ڪمزورين کان آجو ڪونه هو پر انهن کي هن پنهنجي ڪرتويه جي راهه ۾ اچڻ ڪونه ڏنو.

حيدرآباد جون ڪي يادگيريون

پنهنجي آباڻي جڳهه حيدرآباد ۾ هئڻ ڪري، دادي کي حيدرآباد سان خاص دل هئي ۽ هو پنهنجون سڀ موڪلون حيدرآباد ۾ ئي گذاريندو هو.

حيدرآباد جي هر شام دادو پنهنجي دوست، ولڀرام ٽنڊاڻيءَ گهر (اڪيڊميءَ جي سامهون) ضرور پنڌ ڪري ويندو هو. اهو سندس هڪ نيم هو.

اهو ولڀرام دادا کان عمر ۾ چڱو وڏو هو ۽ پهرين سندس انگريزيءَ جو استاد هو. پر وقت ٻنهي کي ايتري قدر ويجهو آندو پڇاڙيءَ تائين ٻئي جگري دوست بڻيا رهيا. نه رڳو هن

پراڻا پرڏان کيس گهر گڏجڻ آئي هئي، جنهن جي ڪلهن جي چوڌاري ٻانهن وجهي، ڪمري ۾ سجايل پستڪن ڏيکارڻ وارو درشيه اڃا به ياد اٿم.

چاچيءَ سرسوتيءَ لاءِ اهو سڀ سهڻ دشوار هو.

سيني ڪمرن ۾ جدن ٻائيءَ سان گڏ سندس نڪتل رومانٽڪ فوٽا ”انسان يا شيطان“ ٽنگيل، هن جي من ۾ ايرڪا اُٿپن ڪندا هئا، ان ڪري چاچيءَ جو بيماريءَ جي حالت ۾ شڪي ٿيڻ ڪا عجب جي ڳالهه ڪانه هئي!

هڪ ڏينهن جو واقعو -

چاچي مسجهند جي وقت ننڊ مان ڇرڪ ڀري اُٿي ۽ اچي دادي کي چيائين:

”مونکي ڇوڪريءَ جو آواز پيو ٻڌڻ ۾ اچي. ڪٿي لڪائي اٿو ڇوڪري؟“

دادو چويس ٿو:

تون ڪهڙيون پيئي ڳالهيون ڪرين؟ ڇوڪري ڪٿان ايندي؟؟

”نه، نه، توهان ڇوڪري لڪائي ڇڏي آهي.“

هوءَ ميز ۽ پلنگ جي هيٺان، صوفا جي پٺيان، ويندي ميرن ڪپڙن جي ڪٻٽ کي کولي، اُن جي اندران، ڇوڪري ڳولهڻ لڳي پر ڇوڪري هجي ته ملنديس نه!

چاچيءَ جي بيماريءَ جي دوران، دادي پتنيءَ جي خوب ٽهل ٽاڪور ڪئي. ٻچاڙيءَ جي ذهن ۾ نه چاچيءَ کي آدرنگ ٿي پيو هو. دادو هنج ۾ کڻي، آڌيءَ رات جو باٿروم ۾ وٺي ويندو هوس ۽ ڪيترين ئي راتيون اوجاڳا ڪيائين.

سنه ١٩٤٢ ۾ پتنيءَ جي ديهانت وقت دادي جي عمر ٤٦ سال هئي. دادي ٻي شادي ڪرڻ جي خيال کي به پنهنجي ويجهو اچڻ نه ڏنو.

ٻارهين کان سورهين عمر وارن ڇوڪرن (دادو دادا ڦقائن سان سان گڏ) فاريسٽ جي اُئڪنگ ڪندي فرسٽ ڪلاس ۾ سفر ڪيو هو ۽ ڪئين مغربي اچار ڪندي ٽي ٽيءَ کي اُلو بڻايو هو!

اُهڙيون ڳالهيون ٻڌي پائر، ٻهه نانڪي اَدا سان ڪري ڏيکاريندا هئا ۽ اَسان ٻڌڻ وارن پائرن، پيرن، سونن، سؤنين کي ٺهڪ ڏيندي پيٽ ۾ سور اَچي پوندو هو!

ڪڏهين ڪڏهين اَسين ڳائڻ جي موڊ ۾ اَچي ويندا هئاسين. دادا مٿعبولن ني ۽ اَسين سڀ ڪورس ۾ سعدس سيڪاريل انگريزي گانا، دادي سميت ڳائيندا هئاسين!

اهڙي نموني ماضيءَ جا ڏندلا پاچولا، ڪڏهين ڪڏهين اَڄ به جيون جي راهن تي پنهنجا عڪس ڇڏيندا نظر ايندا آهن!

اهو سال، اهو مهنو ۽ اها تاريخ ڇا ڪنهن لاءِ وسرڻ جهڙا آهن؟

اُها تاريخ، جنهن اِتهاس جي اُجلي ورق تي ڪاري بدصورت دل ڏهڪائيندڙ ليڪ ڇڪي ڇڏي.

اها تاريخ، جنهن ڌرتيءَ جي ڌراتل کي هڪ ڌڪ سان ڌار ڌار ڪري ڇڏيو.

اها تاريخ، جنهن سر پاشائي پائرن پيرن ۾ پيڊ پاوَ جي پاونا پئدا ڪئي.

اها تاريخ، جنهن هڪ آباد، دل شاد، دلدار جاتيءَ کي دربدر ڪري ڇڏيو.

ڇا اُها تاريخ وسرڻ جي آهي؟

پر اسان لاءِ اها تاريخ ٽي هفتا اڳتي هلي آئي هئي!

اها هئي ٢٤ جولاءِ ١٩٤٧ع

اُن ڏينهن اسان حيدرآباد سنڌ کي هميشه هميشه لاءِ اَلوداع

سان ڀرو سندس سچي ڪتب سان، ڏيئن ۽ پڻ سان دادي جو گھرو سبند جڙيو رهيو.

حيدرآباد جي سياري جي راتين ۾ جڏهن اسين ٻار، سوڙين ۾ لڪي ويهندا هئاسين، دادو ۽ دادا اسان کي پنهنجي ننڍي هوندي جون ڳالهيون اهڙي ته دلچسپ انداز سان اٿڪت ڪري ٻڌائيندا هئا جو اسين ڪلي ڪلي اوندها ٿي پوندا هئاسين. جھڙوڪ:-

١) ڪيئن اسانجي دادا، ماءُ جي نظرن کان بچائي بسڪيت کاڌا هئا، پيري پيري ڪبٽ کولي بسڪيت وات ۾ وجهي چوندو پئي ويو:

"ايندي ويندي پيو کان!"

ڪيئن بابي زال جي واتان سچي ڳالهه ٻڌي، هڪ هڪ لڪڻ جي ٺهڪاءَ سان،

"ايندي ويندي پيو کان!" وارو جملو دهرائي ٻڌايو هو!!

٢) ڪيئن چاچي ۽ ڪيمچند جي ڀين شاديءَ جي رات جو نظارو دادي ۽ دادا ٻڌائن سان گڏ منگهه مان ڏنو هو.

٣) ڪيئن چاچي ڪيمچند، شاديءَ جي شروعاتي ڏينهن ۾ پنهنجي نئين ڀين ڪنوار جي هٿن سان ٺاهيل، هرهڪ ڀاڄي ۽ تيورڻ کي پنهنجي ساڄي هٿ جي آڱوٺي ۽ ڏسٽي (آڱر) کي گڏي اُن جو ٺول ٺاهي هٿ کي ساڄي ۽ ڏائي پاسي لوڏي،

"واهه، واهه ڇا ته سوادي آهي!"

"واهه، واهه ڇا ته لذيذ اهي!"

ڪري ساراهيندو هو!!

٤) ڪيئن آلموڙا ڏانهن ٻنا ٽڪيٽ جي مسافري ڪندي

چنڊن شڪتي، سرجڻ شڪتي، دادو ۽ مان

هندي ساهتيہ ۾ رچنا تمڪ پرڪريا جي حوالي ۾ منيءَ ۽ رشي نشيدن جو استعمال ڪيو ويو آهي. رچنا جي جن جنم داتائن چنتن ۽ سرجڻ ڪي، هندي ساهتيہ ۾ منيءَ ۽ رشيءَ جو نالو ڏنو ويندو آهي. چنتن يعني ”مني“ ۽ سرجڻ اُرٿات ”رشي“ ليڪن جي رچنا ۾ ڪڏهن چنتن، سرجڻ مٿان غالب پوندو آهي تہ ڪڏهين سرجڻ چنتن مٿان! رچناڪار جي ڪلا، اِ ڳالهہ ۾ آهي تہ هو پنهنجي منيءَ ۽ رشيءَ ۾ ميزان قائم رکي سگهي.

ذات تہ قدرت وٽان ئي ملندي آهي. اُن کي اُڀارڻ نکارڻ ۽ پريرڻا ڏيڻ واري ڪنهن شيءِ جي درڪار ٿيندي آهي. تہ رڳو ايترو شروع ۾ رچنا تيار ڪرائي عام اڳيان پيش ڪرڻ واري جي بہ ضرورت پوندي آهي. منهنجي حالت ۾ گهر ۾ اُدبي، ڪلاتمڪ ماحول هوندي بہ منهنجي شخصيت ۽ ڪلا ڏانهن ڪنهنجو خاص ڌيان ڪونہ ويو. اُن جو ڪارڻ شايد اِهو هو، جو اسانجي ڪٽنب مٿان مسئلن ۽ مشڪلاتن جو پاڇو پيل هو. وڏيرا تہ مڙهيا سڀئي پيائي هئا، منهنجا وڏا ڀاءُ ۽ ڀيڻ بہ ڀاڻ ۾ پورا هئا. هيرو خود اُدبي ذوق جو مالڪ آهي، شروعاتي سالن ۾ سنڌ ۾ هن کي پنهنجي پرائيويٽ لائبريري هئي، خوب پڙهندو هو ۽ ڳائيندو بہ هو. منهنجي ڀيڻ شيلا سٺي ڊانسر هئي ۽ چڱي مشهور بہ هئي، پنهنجي اسڪول ۾. هرڪو پاڻ ۾ پورو هو. مونکي ڇهہ اٺ مهنا (يا وڌيڪ) نرتيہ جي سکيا ملي هئي، هيري ماسٽر کان، جيڪو ڪٿڪ سيکاريندو هو. ڪجهہ عرصو هندستاني ڪلاسيڪي سنگيت جي بہ سکيا ڏني وئي هئي. اُنهن ٻنهي ڪلائن سيکارڻ جي شروعات ڇو

کيو هو. مونکي اهو ٽلهو، وڏو، ڀاري ڀورڪر لوهه جو ڪارو ڪلف چڱيءَ طرح سان ياد آهي، جنهن کي ٻاهرين دروازي کي لڳائي مون دٻائي ۽ هلڪو ڇڪي ڏٺو هو ته اهو پورو بند ٿيو هو يا نه؟ ۽ ڪنجي پاڙيسريءَ جي حوالي ڪئي هئم. ڪنهن کي خبر هئي ان وقت ته صرف هڪ مهيني لاءِ پنهنجو ذاتي سامان ۽ ڪجهه ڪپڙا کڻڻ وارا ياتري، سدا لاءِ پنهنجي وطن کان وڇڙجي ويندا؟ وري هنن کي ڪڏهين به پنهنجي ماتر ڀومي، پنهنجو شهر، پنهنجو پاڙو، پنهنجو گهر، پنهنجو سامان سڀ ڏسڻ به نصيب ڪونه ٿيندو! ان وقت اسانجي آڏو اسانجا اهڙا ذاتي مسئلا هئا جيڪي پيڇڪر هئا جن کي اسان حل ڪرڻو ٿي هو.

دادا جي علاج خاطر، اميءَ کي چئن ٻارن (ڪملو چئن مهينن جو، منجو اڍائي سالن جي، مدو ڇهن سالن جو ۽ مان ٽيرهن ورهين جي) کي ساڻ ڪري لکنو وڃڻو پيو هو. وڏي ڀاءُ هيروءَ کي جيڪو ڪاليج جي پهرين سال ۾ هو، آئيس ڪئنڊي فئڪٽريءَ جي ٻٽي جوابداري سنڀالڻي هئي ۽ وڏي ڀيڻ شيلا کي ڪراچيءَ ۾ دادي منگهي وٽ موڪليو ويو هو.

اهڙي نموني هڪ دؤر جو انت ٿيو.

سڀني ڳالهين جو رنگ مون تي چڙهڻ لڳو. دادي جو فلمن ڏسڻ جو شونق، دادي جو بيحساب مونسان ڳالهائڻ جو انداز، مونسان کلي طرح سان خيالن جي ڏي وٺ، بحث ڪرڻ، اهڙن مڌر سرجناتمڪ، ڪلاتمڪ ڳڻن جو مونسان مڪاميلو وٺرت تہ، ڪو نہ ويو هوندو. اُنهن ڳڻن ۾ نہ ڪو وڏو هو نہ ڪو ننڍو. بس، ان روچي ۽ ان سمپرڪ ضرور منهنجي رشيءَ کي پاڻ ڏني هوندي، مٽيءَ کي پاڻ ڏنو هوندو، ۽ اُن اُپجائو زمين ۾ اُهو ننڍڙو وڻ وڌيو هوندو.

۽ اُتان موٽڻ بعد، پنهنجي ڪاليجي ٻن سالن ۾، ان وقت کي ڇڏي جڏهين مان ڪاليج ويندي هئس، هروقت ساهتڪ هندي توڙي انگريزي ڪتابن ۾ لين رهندي هئس. هـا، اُهي چند سال مان دل ئي دل ۾ دادي مگهي جي وير پوڄا (Hero Worship) ڪندي هئس. هيرو ورشپ ۾ ائين ٿي ٿيندو آهي. جيون جي هر پرسٿتيءَ ۾ چاهي اُها اهڙي هجي يا سولي، ڏک ڀري هجي يا سرهي، تصوُّر ۾ پنهنجي جڳهہ، ان هيرو کي ڏيبي آهي ۽ ڪلپنا ۾ اهو ڏسبو آهي تہ اهو پرستش جو پاتر، ان پرسٿتيءَ ۾ ڪيئن ٿو پيش اچي، ڪيئن ٿو مقابلو ڪري حالتن جو! هنجو رد عمل، هنجي ڳالهائڻ جو انداز توڙي چهري جا ڀاو جهٽڻ جي ڪوشش ڪبي آهي. مان بہ ائين ئي ڪندي هئس. پـڙهندي پڙهندي سوچ ۾ پئجي ويندي هئس تہ دادو هتي هجي ها، مان کيس اهو ٻڌايان ها، تہ هن جو رد عمل ڪهڙو ٿئي ها، هو ڪهڙي نموني، مون سان بحث ڪري ها، مان کيس ڪهڙو جواب ڏيان ها، وغيره وغيره. مونکي سياري جا اُهي ڏينهن چٽيءَ طرح سان ياد آهن جڏهين، اڱڻ جي پٺيان، زيتونن جي باغ پرسان، هڪ مٽيءَ جي ڍڳ (mound) مٿان، اُس ۾ سارو ڏينهن ناول ۾ کوهيل رهندي هئس. ڪيترا ڏينهن جا

ڪئي ويئي هئي ۽ وري اهي ڇو ڇڏايون ويون هيون، اُن ڳالهه جي به سڌ ڪانه اٿم، ڇو جو عمر بلڪل ننڍڙي هئم- سنڌ ۾ ٻارهين ورهين جي اندر ئي ڪيترائي سنڌي ڪتاب، انواد ٿيل ۽ اصلوڪا، پنهنجي ليکي پڙهيا هئم.

لکڻ وڃڻ شرط، تيرهين سالي جي اوسٿا کان وٺي، مان هندي لکڻ ۽ پڙهڻ سکي هئس ۽ تڏهين کان وٺي منهنجو هندي ساهت سان لاڳاپو رهيو- اُنهن ايائي سالن ۾ ئي ٻه ناول جهٽ پٽ انواد ڪري، دادي کي بمبئيءَ ۾ موڪليا هئم- اُنهن مان هڪڙو ”موتين جي مالها“ دادي قسطن ۾ ڪنهن مخزن ڇپارايو هو پر ٻئي اپنياس جو نالو ياد ڪونه اٿم.

اُن ڪانپوءِ، مونکي سنگ مليو، ڪرامت حسين گرلس ڪاليج جي پنهنجي سهپاٺي ساهيڙي زهرا ڪرمانيءَ (Zahra Kermani) جو، جنهن منهنجي ساهتڪ رچيءَ کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.

منهنجي مني کي منهنجي رشيءَ کي ڪاڌ ڏيڻ واري، پاڻي ڏيڻ واري، ڀرين هوءَ ئي هئي. گڏ ڪتاب پڙهنديون هيونسين، اُردوءَ جا، هنديءَ جا ۽ انگريزيءَ جا خوب بحث ڪنديون هيونسين. عصمت چغتائيءَ جا ناول، هرشچندر ۽ منٽوءَ جون آکاڻيون، چارلس ڊڪنس ۽ ٿامس هارڊيءَ جا ناول، هنديءَ جا پستڪ خاص ڪري پريمچند جا ناول، مان پنهنجي ليکي پاڻ ئي پڙهندي هئس خوب چاهه سان... پر مونکي لکڻ جو خيال ڪڏهن به ڪونه آيو هو.

پوءِ آيا اُهي ٻه مهنا، جڏهن مان دادي وٽ بامبي وڃي رهي هئس. اُتي منهنجي رشي ۽ منيءَ کي گهڻو ڪجهه مليو- ڪاڌو ۽ پاڻي! اُهي ٻوٽا ڪجهه وڌيا... پر مان اڻڄاڻ رهيس. دادي جو فوٽوگرافيءَ سان لڳاءُ، دادي جو وطن ڀين سان پريم، سمنڊ ۽ ڪڪرن سان پيار، دادا جو سنڌرتا سان سنبنڌ، اُنهن

ڪتاب بابت تاثرات....

جن ٽون اديبن ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ساهت سان وڏا وڙ ڪيا، تن ۾ اول صف ۾ پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻي (منگهارام اُڌارام ملڪاڻي) بيٺو آهي. اسين نوجوان اديب کيس پنهنجو ابو ڪري سمجهندا هواسون ۽ اها به حقيقت آهي ته هن وٽان اسان مان هر ڪنهن کي ابي واري محبت ۽ شفقت ملي. نه صرف ايترو پر ورهاڱي کانپوءِ هن صاحب، جڏهين سنڌي ساهت جي ٻيڙي وچ سير ۾ هئي، سچي ابي وانگر اُن جي پرگهور لڌي. بمبئي ۾ ڀرين ڀرين جيڪا اديبن جي سنستا ٿي - نئون ساهت منڊل، جيڪو پوءِ سنڌي ساهت منڊل ٿيو، تنهن جو پرڌان ملڪاڻي صاحب ٿيو. هو پرڌان ڇا، سچ پچ ليکڪ ڪٽنب جو ابو هو، سونهون هو، روح روان هو. جيستائين هو صاحب بمبئي ۾ هو محفلون سندس گهر ۾ سندس اَئي محبتي ڇايا ۾ لڳنديون هيون. سندس وشال ڄاڻ، انوکي انڀؤ ۽ تنقيدي سوجهه ٻوجهه جو جيڪو فيض اسان مان هر هڪ اديب کي انهن محفلن مان مليو، تنهن جو ملهه اپار آهي. مان ته جيڪر ائين چوان ته هن ڪشال دل ڪاريگر اسان سڀني کي ٺپي ٺاهي ساهتڪ کيتر ۾ اڳتي ڪيو.

پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻيءَ جي ساهتڪ ديڻ به ڪا گهٽ ڪانهي. هن صاحب جي ساهت جي ڪن شاخن ۾ حاصلات ته اِتهاسڪ فخر لائق آهي. هن کي جديد ناٽڪ نويسيءَ جو ابو سمجهيو ٿو وڃي. سنڌيءَ ۾ نئين ناٽڪ جو جنم داتا هو. انيڪ وشين تي (ڪي ته ڪلا ۽ اُگرا وشيه به هوا) ناٽڪن جا پنج

ڏيئھن مان گھر جي ڪنھن ياتيءَ سان ھڪ اکر بہ نہ ڳالھائيندي ھئس رڳو ڪاڏي مھل اندر ويندي ھئس ۽ ماني کائي وري ٻاھر. عجيب ھئا اھي ڏينھن. اُن وقت منھنجي مني سچائي ھو ۽ ڪنھن حد تائين رشي پڻ. پر اُھو دؤر گھڻو نہ ھليو. مون کي نوڪري ڪرڻي پيئي ۽ پوءِ شادي.

ساھتڪ رچنائمڪتا جو وڻ ديو رھيو، سالن جا سال. زندگيءَ جا اَنيڪ روُپ ڏسڻ جو، لاھيون لھڻ جو، چاڙھيون چڙھڻ جو، آشائن ۽ نراشائن مان گذرڻ جو، طرح طرح جا اَنڀوَ پرائڻ جو، منھنجي منيءَ ۽ رشيءَ جو وڪاس ٿيندو رھيو. ٻنھي جون جڙون ھڪٻئي ۾ ملڻ لڳيون ۽ ٻنھي گڏجي ھڪ اَھڙي وڻ جو روُپ ورتو، جو ٿيھن ورھين جي عرصي کانپوءِ اُنمان ڀرين قول ۽ پوءِ ڦل ڏڪرڻ لڳا. ڏڪرڻ نہ چا ڪرڻ لڳا. اُنھن رچيل، مچيل ڦلن جي مدرتا کان ڪو بہ اِنڪار ڪري نہ سگھيو. رقيبن، حاسدن ۽ نقادن پنھنجون ترارون ڪڍيون ضرور، وار ڪرڻ بہ چاھيائون، پر اُھي منھنجي ھمٿ پست ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ويا.

ھنن کي ڦلن جي سڳنڌ ۽ مٺاج کي نہ چاھيندي بہ قبول ڪرڻو ئي پيو.

اُھو نہ ثابت ٿي پيئو آھي تہ دادي منگھي مونکي سڏي نموني ساھتڪ کيتر ۾ کوڻ آندو، مان پنھنجي ھمٿ سان پاڻيھي آيس. شايد ھو مونکي پورو پرکي کوڻ سگھيو، شايد مون پاڻ ڪوشش نہ ڪئي ھئي. شايد مان اُنوقت تيار ڪانہ ھئس. اھڙيون ''شايديون'' گھڻيئي ٿي سگھن ٿيون... مگر ھڪ ڳالھ ۾ ڪو شڪ ناھي تہ دادي مون ۾ رچنائمڪتا جو ٻج وڌو ھو. ھن منھنجي رشيءَ کي ۽ منھنجي مني کي ھمٿايو ھو ۽ منھنجي اُٿسڏي نموني مدد ڪئي ھئي.

هئي، پر سندس وڏي خوشنصيبي اها هئي ته هوءَ الڳ الڳ
وقتن تي سندس اهڙو ته ويجهو آئي جو سندس اندر آتما کي ٻـ
ڇهي پئي ورتائين ... ۽ مان ته اڃا به اڳتي وڌي جيڪر ائين
چوان ته ريٽا سچ پچ خوشنصيب هئي جو پروفيسر ملڪاڻيءَ
جو سائنس بيحد پيار جو آتمڪ ناتو به جڙي ويو هو. اها ڳالهه
هن ڪتاب ۾، جنهن ڪُل ۾ سڳنڌ، تنهن مثل چانئجي پيئي آهي.

ريٽا هن رچنا ۾ پروفيسر ملڪاڻيءَ جي جيون جي اُنهيءَ
پهلوءَ کي اُپار ڏنو آهي، جيڪو نجو پنهنجو هوندو آهي؛
بلڪل شخصي ۽ خانگي دنيا هوندي آهي، جنهن کي شخص
پنهنجو قيمتي خزانو سمجهي دل اندر سانديي رکندو آهي؛ ٻاهر
ٻاڦ نه ڪيندو آهي. ريٽا پنهنجي زناني ڏانوَ اَتي پريم سان
ملڪاڻيءَ جي دل جي صندوقڙي کي کوليو آهي. گفتگو، وهنوار
۽ پيار سان ملڪاڻي جو ڪردار ڪلندو ويو آهي ۽ اسان جي
اڳيان هڪڙي محبوباڻي تصوير ڪڙي بيٺي آهي... ملڪاڻيءَ
جو سچو، نڊر، بيباڪ، ڪليل ۽ ٻالڪ جهڙو معصوم روُپ! هن
شخص جي مهانتا سندس سادگيءَ مان پيئي ٻڪي.

ملڪاڻيءَ صاحب جي ڪردار جون گهڻيئي خوبصورت
ڪنڊون آهن، جن کي ريٽا روشنيءَ ۾ آندو آهي، پر جيڪي
سندس ڪردار جون ٻه ورتيون شدت سان اُپريل آهن، سي آهن: زندگي
کي ڀرپور نموني ماڻڻ جي خواهش ۽ سندرتا طرف سندس لامحدود
ڇڪ، پوءِ ڀل اُها انساني سوُنهن هجي يا قدرتي سوُنهن... اُن زماني
۾ پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻيءَ کي جڏهين ميٽرو سئنما جي ٻاهران
قطار ۾ بيهي ٽڪيٽ وٺندو ڏسندا هئاسون يا سگريٽ پيئندي
ٽوٽي مان آخرين سوُٽو پريندي جيستائين سندس چپن کي سيڪ
نه ايندو هو ته سگريٽ نه ڦٽو ڪندو هو يا ڪنهن اَديب ليکڪ
ڪان گهري هڪ پن جي بيڙي وٺي ڇڪيندو هو تـ اسان کي

مجموعا تيار ڪري ويو آهي، جدمان ڪيترائي ”سنڌي اِسٽيج
تي ڪاميابيءَ سان ڏيکاريا ويا هوا. سنڌيءَ ۾ تنقيدي ۽ تحقيقاتي
اَدب ۾ سندس زور سڀني کان بالاتر آهي. ”سنڌي نثر جي
تاريخ“ سندس اهڙي دين آهي جا سنڌي اَدب جي اِتهاس
۾ هڪ شاندار ڪارنامو آهي؛ اهڙي رچنا جو ملهه ڪٿڻ ئي
مشڪل آهي. ايندڙ نسلن لاءِ قيمتي خزانو آهي. ورهاڱي کان
پوءِ، وقت بوقت جيڪا ڪچ ماپ هوُ الڳ الڳ مخزنن ۾
ڪندو رهيو، سا به سندس محنت ۽ تنقيدي سوُجهه ٻوُجهه جو
درشن ٿي ڪرائي. سنڌيءَ ۾ نظماڻ نثر جي شروعات به ملڪاڻي
صاحب ڪئي. انهيءَ صنف ۾ ڀهرين رابندرناٿ ٽاگور جا ٻه
شاهڪار ڪتاب ترجمو ڪيائين ۽ آخر ۾ پنهنجن نازڪ جذبن
جي اظهار لاءِ اِهو ماڌيم ڪم آندائين ”جوانيءَ جا جذبا ۽
پيريءَ جون يادون“ اهڙي هڪ بي بها رچنا آهي، جنهن مان
جماليات جو sensuous لطف ملي ٿو.

پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻيءَ جي اِها قداور ۽ بلند ساهتڪ
شخصيت ته اسان بخوبي ڏٺي آهي ۽ ان جو فيض به ماڻيو
آهي، پر ريٽا شهاڻي پنهنجي هن اَنوکي رچنا ۾ هن صاحب
جي رنگين ۽ محبوُباڻي طبيعت جون خانگي ۾ اَڻيو ڪيل
تصويرون چٽي اسان اڳيان آنديون آهن، سي نه صرف هن جي
ڀوُمڪي شخصيت کي اُپاري، هڪ پيارو انسان بڻائين ٿيون
پر ملڪاڻيءَ جي اندرين دنيا جي ڀوُمڪي ۽ مهڪندڙ هردي
تان پردو هٽائي اسانکي سندس وشال دل جو مشاهدو ٿيون
ماڻائين. اِهو ڪارنامو صرف ريٽا ڪري سگهي آهي؛ ٻئي ڪنهن
جي وس جي ڳالهه نه هئي.

ريٽا جي ڏاڏو اها خوشنصيبي ڪانه هئي ته منگهارام ملڪاڻي
سندس چاچو هو، جنهنڪي نديپڻ ۾ دادو منگهو ڪري سڏيندي

هن پهلوءَ جو وڏو وستار ڪري مان پاڻ کان اصل ڪي چيز ڪي پڙهڻ ۽ آنند ماڻڻ جو حق کسڻ نٿو چاهيان. پر هڪ اڌ ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ جي موهه کي به روڪي نٿو سگهان. ملڪاڻي صاحب پنهنجي چوڻ موجب **جنن** سان پريم ڪيو هو، سڦل يا اسڦل، ان جو ذڪر ڪونهي. هڪ آزاد طبيعت ڪاليجي جوان يا بعد ۾ پروفيسر جي اهڙي رومانوي جيون هرو ڀرو تپرس ۾ وجهندڙ نه آهي. پر وڏي عمر ۾ اچڻ ڪانپوءِ به عورت ملڪاڻي صاحب لاءِ ڪشش جو مرڪز هئي. پاڻ ئي چوي ٿو، "ايشور جي هن خلقيل دنيا ۾ زال ذات ئي مون کي سهڻي ۾ سهڻي چيز لڳندي آهي. مون کي ان سونهن لاءِ ڪشش آهي. نفسياتي خيال نه ايندو اٿم، پر بيحد خوشي ۽ آنند ملندو اٿم ... ۽ اهوئي سچ آهي. ملڪاڻي صاحب جنهن نموني زينت امان جي فلم ڏسڻ لاءِ، بدايي ۾ اُتاولائي ڏيکاري آهي ۽ ريتا جي وڏي ڀيڻ جي گورن هٿن ۽ پيرن تي موهت ٿي، هڪ آزاد نظم لکي اُنهن کي به چمڻ چاهيو هو، تنهن مان اها پروڙ پوي ٿي. هيءَ سونهن لاءِ ازل جي اُساٽ آهي! هن باري ۾ ريتا جي هڪ انوکي جاچنا آهي. چوي ٿي: حقيقتن کي ٽڪي طوري مان فيصلي ٿي پهتي آهيان (شايد ڪيس به ان ڳالهه جي جاڻ هئي) ته دادي کي پندرهن کان ويهن سالن جون ڇوڪريون گهڻي ۾ گهڻو پاڻ ڏانهن ڇڪينديون هيون ۽ هو هنن ڏانهن گهڻي ۾ گهڻو توجه ڏيندو هو، نه ڪنهن خراب مطلب سان! اهو ته بلڪ سڀاويڪ هو، ڇاڪاڻ ته عورت جي سندرتا انهيءَ عرصي ۾ ئي ته ڀرپور نکار ۾ ايندي آهي ۽ سندس شرير ۾ جڻ مقناطيس اوتجي ويندو آهي!

ملڪاڻي صاحب کي زندگيءَ سان ڪافي پيار هو. هوءَ، جنن اسان ڪيس ڏٺو، پڙهيو ۽ ٻڌو، هڪ زنده دل انسان هو. انساني

ذرا عجب لڳندو هو پر هاڻي تي ڄاڻ پوي ٿي تہ هر شيءِ مان ڀرپور لطف وٺڻ جي سندس بالڪپڻ واري طبيعت برقرار رهي. ريتا ٿي لکي تہ هڪ دفعي هن ٻڌو تہ هو ڏاڍي سهڄ سڀاءَ سان ڊاڪٽر خوبچنداڻيءَ کي چئي رهيو هو، ”مان هنن لذيذ علتن (سگريٽ ۽ وسڪي) کي ڇڏي نٿو سگهان. اُنهن مان لذت وٺي، مٿان گوريون کائي سمجهي پوندو آهيان “ ڪيتري نہ دل جي سادگي ۽ سچائي! ڪو بہ پاکنڊ نہ. ريتا هن سچائيءَ تي هڪڙو خوبصورت نڪتو ٿي بيان ڪري، ”منهنجي من ۾ اهو درد وشواس ٿي ويو آهي تہ صحيح ارٿ ۾ زندگي اُهو ٿو جيئي، جيڪو جيون جي خسيس ڳالهين مان (بہ) آنند وٺي سگهي ٿو. جيڪي ماڻهون رڳو وڏين ڳالهين کي اهميت ڏيئي ننڍين ڳالهين کي تچ ٿا سمجهن، اُنهن جو جيون سمجهو تہ وڃائجي ويو.“

پروفيسر ملڪاڻيءَ جي رومانٽڪ طبيعت سالن جا سال ساڻس مختلف ۽ ٿوري شغلن ۾ رهندي اسان کان ڳجهي ڪانہ هئي، پر اسان جي ان ڇٽيءَ رنگ واري تصوير ۾ جيڪي گهرا رنگ ريتا ڀريا آهن، تن جڻ اسان کي بہ هرکايو آهي؛ ملڪاڻيءَ جي عاشقي طبيعت لاءِ بيحد پيار پيدا ڪيو آهي. ريتا ڏاڍي نازڪتا سان پنهنجي ڇاڇي (دادي) کي کوليو آهي، سندس دل جي پيڪڙي پيڪڙيءَ کي اُپٽيو آهي ۽ ملڪاڻي پنهنجو اندر اوتي وينو آهي ۽ اُئين ڪندي، يعني پنهنجي جيون جا رومانوي ورق کوليندي بي حد لطف ماڻيو هوندائين، خاص طور جڏهين هڪ سهڻي مخالف جنس سندس اهڙن داستانن ۾ دلچسپي وٺي رهي هئي. پسنڪ ۾ آيل گفتگو مان اهڙي سرهاڻ ڪير بہ محسوس ڪري سگهي ٿو. ريتا چوي ٿي هو پنهنجي رومانس جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو ۽ مون کان بہ پڇندو هو؛ يعني اڳلي کي بہ ان ريت شامل (involve) ڪرڻ چاهيندو هو.

سنڌي ٽائيمس جا ڇپايل ڪتاب

١٩٧١

١. ٽري لوڪ - گيت (لوڪ گيت)	ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
(خلاص ٿيل)	قيمت ٽي رپيا
٢. جهڙ ڍل جي (غزل)	ايم. ڪمل
(خلاص ٿيل)	قيمت ٽي رپيا

١٩٧٢

٣. سنڌي لوڪ ساهتيه	ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
ڇپيل ١٩٧٢ (خلاص ٿيل)	قيمت ويهه رپيا

١٩٧٣

٤. فن ۽ فنڪار (جيوني)	موهن ڪلپنا
ڇپيل ١٩٧٣ (خلاص ٿيل)	قيمت ٽي رپيا
٥. شاهه جو رسالو (تنقيد)	ڊاڪٽر ٻوسو گدواڻي
ڇپيل ١٩٧٣ (خلاص ٿيل)	قيمت پنج رپيا

١٩٧٤

٦. دستاويز ڪهاڻيون	ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
ڇپيل ١٩٧٤ ٻيو ڇاپو (خلاص ٿيل)	قيمت ٽي رپيا
٧. سنڌ ۽ سنڌي ٻولي (ليک)	ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
ڇپيل ١٩٧٤ (خلاص ٿيل)	قيمت پنج رپيا
٨. سنڌي لوڪ ڪلا (ليک)	ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
ڇپيل ١٩٧٤ (خلاص ٿيل)	قيمت ڏهه رپيا

١٩٧٥

٩. شرت بابو (ليک)	ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
ڇپيل ١٩٧٥ (خلاص ٿيل)	قيمت پنج رپيا

جيون جي ڀيٽري ۾ اٽوٽ وشواس هوس ۽ زندهه رهڻ جو زوردار ارادو. هڪ دفعي اٽڪلائي ۾ ريتا کان ٻه ٽڪون نڪري ويون-

لاچاريءَ کان ٽون ڀڳوان بچائج،
محتاجيءَ کان اڳ جڳ مان اٿارج.

ريتا تي چوي هو اصل آڳبگولا ٿي ويو ۽ غصي ۾ چيائين: مون کي ڏسي ٿي ڪوتا لکين. ڪير ٿو چوي مان لاچار آهيان. موت جي ڳالهه ان سان ڪبي آهي، جيڪو مرڻ وارو هوندو آهي. مان مرڻ وارو ٿوروئي آهيان!

ريتا جي هيءَ پيشڪش دلنواز آهي ڇاڪاڻ ته سنڌي ادب ۽ سنڌيءَ جي هڪ مهان شخص ۽ ساهتڪار جو هڪ دلفريب خاڪو اسان جي اڳيان پيش ڪيو اٿائين، جيڪو فقط هوءَ ئي ڏيئي سگهي ٿي ۽ اهو به سچ آهي ته ريتا پروفيسر ملڪاڻيءَ جي شخصيت کي کوليندي، پنهنجي پياري شخصيت جو پڻ مشاهدو ڪرائيندي رهي آهي. پنهنجي دادي لاءِ قهليل سڀئي ئي هن رچنا کي جنم ڏنو آهي ۽ ساڻ ئي ساڻ ريتا جي قوتن جو پڻ فنائتو اظهار ٿيو آهي. ريتا اڳ ئي هڪ ڪامياب برجستي ليکڪا جي حيثيت ۾ سنڌي ساهت ۾ اُڀري چڪي آهي. الڳ الڳ شاخن ۾ هوءَ مقبول ٿي چڪي آهي. هيءَ رچنا پڻ سنڌي ساهت جي باغيچي ۾ خوشبودار گل ثابت ٿيندي.

بمبئي - ٢٧ سيپٽمبر ١٩٩٠ - ڪيرت ٻاٻاڻي

٢١- پل پل جو پرلاءُ پيو ڇاپو — هري دلگير
ڇپيل ١٩٧٨ (خلاص ٿيل)

٢٢- جيل مان (خط) — سلامت پرسواڻي
ڇپيل ١٩٧٨ (خلاص ٿيل) — قيمت پنج رپيا

٢٣- ٽياڳ ۽ مڪتي (ناٽڪ) — پروفيسر رام پنجواڻي
ڇپيل ١٩٧٨ (خلاص ٿيل) — قيمت چار رپيا

٢٤- عزيز (تنقيدي جائزو) — پوپٽي هيرانندائي
ڇپيل ١٩٧٨ (خلاص ٿيل)

١٩٧٩

٢٥- ڳنوارڻ (ڪهاڻيون) — آسانند مامتورا
ڇپيل ١٩٧٩ (خلاص ٿيل) — قيمت ڇهه رپيا

٢٦- بند و بست (ناٽڪ) — برج موهن
ڇپيل ١٩٧٩ (خلاص ٿيل) — قيمت ڇهه رپيا

٢٧- ساهتيڪارن جون سمرتيون — پروفيسر منگهارام ملڪاڻي
ڇپيل ١٩٧٩ (خلاص ٿيل) — قيمت ڇهه رپيا

٢٨- سنڌي جا ٽيهه سال (ليک) — ڊاڪٽر پرسو گدواڻي
ڇپيل ١٩٧٩ [خلاص ٿيل] — قيمت ڇهه رپيا

١٩٨٠

٢٩- يادگيريون — پروفيسر رام پنجواڻي
ڇپيل ١٩٨٠ [خلاص ٿيل] — قيمت ڇهه رپيا

٣٠- اڪيلي [ڪهاڻيون] — ڪرشن کٽواڻي
ڇپيل ١٩٨٠ [خلاص ٿيل] — قيمت ڇهه رپيا

٣١- ناٽڪ [ناٽڪ] — ايم. ڪمل
ڇپيل ١٩٨٠ [خلاص ٿيل] — قيمت ڇهه رپيا

١٠. نظر ۽ نظريه (ليک) ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
ڇپيل ١٩٧٥ (خلاص ٿيل) قيمت پنج رپيا

١١. سنڌ صدين کان ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
ڇپيل ١٩٧٥ (خلاص ٿيل) قيمت پنج رپيا

١٢. هڪڙو هو سوداگر [لوڪ ڪهاڻيون] ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
ڇپيل ١٩٧٥ [خلاص ٿيل] قيمت پنج رپيا

١٩٧٦

١٣. هوجمالو [لوڪ گيت ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
ڇپيل ١٩٧٦ [خلاص ٿيل] قيمت ڇهه رپيا

١٤. گيتانجلي گرديو ٽئگور
ڇپيل ١٩٧٦ [خلاص ٿيل] قيمت ڏهه رپيا

١٥. اندر دات [ناول] شرت بابو
ڇپيل ١٩٧٦ [خلاص ٿيل] قيمت پنج رپيا

١٦. رام پنجواڻي [تنقيدي ليک] بلديو گاجرا
ڇپيل ١٩٧٦ [خلاص ٿيل] قيمت ڏهه رپيا

١٩٧٧

١٧. سڀئون [ليک] پروفيسر رام پنجواڻي
ڇپيل ١٩٧٦ [خلاص ٿيل] قيمت پنج رپيا

١٨. انوراڌا [ناول] شرت بابو
ڇپيل ١٩٧٦ [خلاص ٿيل] قيمت پنج رپيا

١٩. سنڌ جا سٽ ناٽڪ پروفيسر رام پنجواڻي
ڇپيل ١٩٧٧ [خلاص ٿيل] قيمت پندرهن رپيا

٢٠. پل پل جو پرلاءُ (شعر) هري دلگير
ڇپيل ١٩٧٧ (خلاص ٿيل) قيمت ٻارهن رپيا

٤٣. ڏاڏي ڏاڏي ٽي مهر (ڪهاڻيون)	لالچند جگتياڻي
ڇپيل ١٩٨٣ (خلاص ٿيل)	قيمت ساڍا ست رپيا
٤٤. شاهه جون سورميون	نارائڻداس ڀمڀاڻي
ڇپيل ١٩٨٣ (تنقيدي ڇنڊ ڇاڻ)	قيمت ١٥ رپيا
١٩٨٤	
٤٥. سنڌي ڪهاڻي جي اوسر (جائزو)	ڪيرت ٻاٻاڻي
ڇپيل ١٩٨٤ (خلاص ٿيل)	قيمت ڏهه رپيا
٤٦. گوناگون مضمون (ليک)	ٻلديو گاجرا
ڇپيل ١٩٨٤	قيمت ڏه رپيا
٤٧. هيءَ به ڪهاڻي آ (ڪهاڻيون)	گوبند مالهي
ڇپيل ١٩٨٤ (خلاص ٿيل)	قيمت ڏه رپيا
٤٨. ٻولو آواز (غزل)	هري دلگير
ڇپيل ١٩٨٤	قيمت ٢٠ رپيا
١٩٨٥	
٤٩. ڪشنيءَ جو ڪشٽ (ڪهاڻيون)	لالچند جگتياڻي
ڇپيل ١٩٨٥	قيمت ١٥ رپيا
٥٠. ست ڏينهن [ناول]	ڪرشن کٽواڻي
ڇپيل ١٩٨٥	قيمت ١٥ رپيا
٥١. هنج چڳن موتي (ليک)	آسانند مامتورا
	قيمت ١٥ رپيا
٥٢. شاهه ڏو شاهه (تنقيدي جائزو)	لالچند جگتياڻي
	قيمت ١٥ رپيا
١٩٨٦	
٥٣. ڪٺوريءَ جي ڪاڻ (سفرنامو)	ريٽا شهاڻي
	قيمت ١٥ رپيا

۳۲- پارت جوتي	هاسومل ايسرداس
ڇپيل ۱۹۸۰ [خلاص ٿيل]	قيمت ست رپيا
1981	
۳۳. ادو عبدالرحمان [ڪهاڻيون]	امرلال هنگوراڻي
ڇپيل ۱۹۸۱ [خلاص ٿيل]	قيمت ڇهه رپيا
۳۴- چونڊ ڪهاڻيون	پروفيسر رام پنجواڻي
ڇپيل ۱۹۸۱ [خلاص ٿيل]	قيمت ڇهه رپيا
۳۵. جائزو [تنقيدي ليک]	هيرو شيوڪاڻي
ڇپيل ۱۹۸۱ [خلاص ٿيل]	قيمت ڇهه رپيا
۳۶. وکون (ڪهاڻيون)	نامديو تاراچنداڻي
ڇپيل ۱۹۸۱	قيمت ۱۵ رپيا
1982	
۳۷- گڏجاڻيون	پروفيسر رام پنجواڻي
ڇپيل ۱۹۸۲	قيمت ۱۵ رپيا
۳۸. ماضيءَ جي گسڪڻ تان	ٻسي خوبچنداڻي
ڇپيل ۱۹۸۲ (ڪهاڻيون)	قيمت ۱۵ رپيا
۳۹. نئون ڪمرو (ڪهاڻيون)	تاري پدم
ڇپيل ۱۹۸۲	قيمت ۱۵ رپيا
۴۰. اڀول راڻي (لوڪ ڪهاڻيون)	ڪيرت باباڻي
ڇپيل ۱۹۸۲	قيمت ۱۵ رپيا
1983	
۴۱. شاعر جي ذڙٻوڪ تان	شيخ اياز
ڇپيل ۱۹۸۳	قيمت ۱۵ رپيا
۴۲. جيءُ جهروڪا (ريکا چٽر)	مهتاب محبوب
ڇپيل ۱۹۸۳	قيمت ۱۵ رپيا

١٩٨٩

٦٥. اڻين ڪٿا [ڪهاڻيون] — موهن ڪلپنا
ڇپيل ١٩٨٩ — قيمت ٣٠ رپيا

٦٦. هڪ ڏکي سانت (ڪوتائون) — ڪرشن کٽواڻي
ڇپيل ١٩٨٩ — قيمت ٣٠ رپيا

٦٧. گوبند مالهي- ادب ۽ اديب ڀاڱو ٽيون — گوبند مالهي
ڇپيل ١٩٨٩ [آتم ڪٿا] — قيمت ٣٠ رپيا

٦٨. گم ٿيل پاڇو (ڪهاڻيون) — شوڪت حسين شورو
ڇپيل ١٩٨٩ — قيمت ٣٠ رپيا

١٩٩٠

٦٩. هٿ يوگي [ناول] ڀاڱو پهريون — تارا ميرچنداڻي
قيمت ٤٠ رپيا

٧٠ ٻپهري [ڪهاڻيون] — ڪرشن کٽواڻي
قيمت ٣٠ رپيا

٧١. گوبند مالهي - ادب ۽ اديب آتم ڪٿا — گوبند مالهي
[ڀاڱو چوٿون] — قيمت ٣٠ رپيا

٧٢. هٿ يوگي [ناول] ڀاڱو ٻيون — تارا ميرچنداڻي
قيمت ٣٠ رپيا

١٩٩١

٧٣. سڄاڻ جون سمر تيون — رينا شهاڻي
قيمت ٣٠ رپيا

٧٤. ڪهاڻيون — ڪرشن کٽواڻي
قيمت ٣٠ رپيا

٧٥. گوبند مالهي ادب ۽ اديب آتم ڪٿا — گوبند مالهي
ڀاڱو پنجون — قيمت ٣٠ رپيا

٧٦. شاعر شيام — هريش واسواڻي
قيمت ٥٠ رپيا

١٩٩٢

٧٧. ڇهي مهي (ناول) — رينا شهاڻي
قيمت ٣٠ رپيا

٧٨. ____________

٥٤. اڳتي قدم (ڪهاڻيون) — گوبند مالهي
ڇپيل ١٩٨٦ — قيمت ١٥ رپيا

٥٥. ساه مٿ ٻر (پاڳو پهريون) — ماڻڪ
ڇپيل ١٩٨٦ — قيمت ١٥ رپيا

٥٦. ساه مٿ ٻر (پاڱو ٻيون) — ماڻڪ
ڇپيل ١٩٨٦ — قيمت ١٥ رپيا

١٩٨٧

٥٧. ست رنگ (ننڍا ناٽڪ) — پروفيسر رام پنجواڻي
ڇپيل ١٩٨٧ — قيمت ١٥ رپيا

٥٨. چولو منهنجو ڇڪ ٻر (يادگيريون) — هري دلگير
ڇپيل ١٩٨٧ — قيمت ٣٠ رپيا

٥٩. گوبند مالهي ادب اديب (آتم ڪٿا) — گوبند مالهي
ڇپيل ١٩٨٧ (پاڱو پهريون) — قيمت ٣٠ رپيا

٦٠. نه سور نگر نه سوهارا (ڪوتا سنگره) — نارائڻ شيام
ڇپيل ١٩٨٧ — قيمت ٣٠ رپيا

١٩٨٨

٦١. سنڌي لوڪ ساهتيه (ڪوجناتمڪ) — ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
ڇپيل ١٩٨٨ — قيمت ٣٠ رپيا

٦٢. گستاخي معاف (ننڍا ناٽڪ) — گوبند مالهي
ڇپيل ١٩٨٨ — قيمت ٣٠ رپيا

٦٣. گوبند مالهي ادب ۽ اديب (آتم ڪٿا) — گوبند مالهي
ڇپيل ١٩٨٨ [پاڱو ٻيون] — قيمت ٣٠ رپيا

٦٤. جهنگلي گل [نثري نظم] — هري دلگير
ڇپيل ١٩٨٨ — قيمت ٣٠ رپيا



Rita Shahani and
Prof: M. U. Malkani

SUJAN JUN SAMARTYUN

By : Rita Shahan

SINDHI TIMES PUBLICATION